

مُڇرُ مامو

جيتو لالوا

(باتصوير ريڊيو ٻال ناٽڪ)

مُڇرُ مامو

(باتصوير ٻال ناٽڪ)

- جيٺو لالواڻي

31/1، نئون ''جي'' وارڊ،

ڪبيرنگر، احمدآباد-382340.

(سنڌي ساهتيه اڪادمي، گجرات راجيه گانڌينگر جي مالي امداد سان)

سلسلو

MUCHHIRU MAMO

(Children Plays)

❑ : JETHO LALWANI

❑ Year : 2006

❑ Price : Rs. 40/-

❑ Published by : **JETHO LALWANI**
31/1, New G-Ward,
Kubernagar, Ahmedabad-382340.
Tele. : 079-32513312-22813312

❑ Printed at : **SCAN COMPUTERS**
3, Radhyshyam Apartment, Patia,
Naroda Road, Ahmedabad-382340.
Phone : 22806776 (M) 9327007002

❑ Distributors : **STAGE PUBLICATION**
31/1, New G-Ward,
Kubernagar, Ahmedabad-382340.

(Published with porcial Financial aid of Sindhi Sahitya Academy, Gujarat State, Gandhinagar)

چيتني لالواڻيءَ جو ٻال ساهت

وطن جي صدقي (آزاديءَ جو اِتهاس)	1985
ترنگي روشني (ٻال ناٽڪ)	1986
آڪاشي ياترا (وگيان)	1982
بدني سکيا (تعليم)	1985
بدني تعليم (درسي ڪتاب)	1986
ٻليءَ جو صبر (ٻال ڪهاڻيون)	1997
علي بابا گم (ٻال ناول - انواد)	1982
جادوئي چڊو (ٻال ناول - انواد)	1983
امرت ڪڻائون (ٻال ڪهاڻيون - انواد)	1985
شريمان ڦيرو ڦرڪي (ٻال طويل ناٽڪ)	1996
مسٽر گپوڙيداس (ٻال وڏو ناٽڪ)	—
ٻال رنگ منچ (خاص انڪ سمپادن)	—
دي گيم (ٻال ٽي.وي. ناٽڪ)	—
ڦُچڙُ مامو (ٻال ايڪانڪيون)	2006

جدا جدا رسالن، مخزنن، اخبارن ۾ ٻال ڪوتائون، ٻال مضمون، ٻال ڪهاڻيون شايع ٿيل.

درسي ڪتابن ۾ شايع ٿيل جدا جدا رچنائون

ٻين ٻولين ۾ انواد ٿيل رچنائون

جهرمر (ٻال رسالو سمپادن)

پيش لفظ

سنڌي ناٽڪ چاهي اُهو کهڙو به هجي ۽ ناٽڪ ڪلا جو ذڪر ڪرڻ سان ئي ازخود سيني ڪان اول شري چيني لالواڻيءَ جو نالو ذهن، زبان تي تري اچي ٿو، جو لالواڻي اديب سان گڏ ڪلاڪار، ناٽڪڪار، ناٽڪ نويس، هدايتڪار، ناٽڪ انوادڪ، رنگ ڪرمي آهي. لالواڻي جون شيوائون سنڌي ناٽڪ جي ڏس ۾ لاثاني ۽ اِتهاسڪ آهن.

سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين وانگر باقاعدي سنڌي ٻال رنگ منچ نه آهي. سنڌيءَ ۾ ٻال ناٽڪ لکجن ٿا، اسڪولي سطح تي ڪٿي-ڪٿي پيش ٿين ٿا پر ٻال ناٽڪ ۽ ٻال ٿئيٽر جي سنڌيءَ ۾ پڪي-پختي عمارت کڙي ٿي نه سگهي آهي. البت شري چيني لالواڻيءَ ٻال ناٽڪن جي شاندار عمارت کڙي ڪرڻ، نيمائتي ٻال ناٽڪ منچ کي وڌائڻ، ويجهائڻ لا ڪافي عملي ڪوششون ورتيون آهن.

سنڌيءَ ۾ وڏا ٻال ناٽڪ نه لکيا ويا آهن نه ئي کيڏيا ويا آهن، پر لالواڻيءَ ''اسٽيج گروپ'' جي زير سايع به بهترين ٻال ناٽڪ شري جيورام جوشيءَ جا لکيل ''شريمان ڦير ڦرڪي'' ۽ ''مسٽر گپوڙيداس'' تختي تي آڻي سنڌي ٻال ٿئيٽر جو سنڌيءَ ۾ بنياد کڙ کيو. ٻنهي ناٽڪن جو اُلٿو شري لالواڻيءَ ڪيو. جيڪي اصليت جي بلڪل خوشبوءِ ڏيند ۽ معياري رهيا.

شري لالواڻيءَ سنڌيءَ ۾ ٻال ساهت جي ٻين صنفن ڪانسواءِ ٻال ناٽڪ رچيا به آهن جيڪي آڪاشواڻي تان پرسارت ٿيڻ سان گڏ تختي تي پڻ پيش ٿيل آهن. جن ۾ ڏيار چڪائيندڙ ناٽڪن جو مجموعو آهي ''مُڇرُ مامو'' جنهن ۾ چار ناٽڪ عنوان سان گڏ ''باغ جو سئر''، ''بال'' ۽ ''ڏاهري'' شامل آهن. ''باغ جو سئر'' وڻن پوکڻ جي اهميت ضرورت سان گڏ صاف سٿري ماحول ۽ اڙٻنگه ٻارن جي شرارت ڪري قدرت کي ڪيترو ن نقصان پهچايو وڃي ٿو، باغ جي سونهن کي بدزيبو بڻايو وڃي ٿو جو سهڻي نموني چٽ چٽيل آهي. ''بال'' ناٽڪ ۾ ٻار اويلو-سويلو مئدان تي راند نه ڪري گهرن جي وچ ۾ راند ڪن ٿا ۽ ڪرڪيٽ راند ڪندي ڪيئن پاڙيوارن کي نقصان پهچائين ٿا ۽ تڪليف ڏين ٿا جو ذڪر آهي ته وري ''ڏاهري'' ناٽڪ هڪ ناسمجهه، گهٽ عقل واري جي ڪرتوت جي ڪهاڻي آهي. ويسر ڪاڏو ڪيئن پنهنجي بيوقوفيءَ سبب پاڻ کي ٻوهي ۾ وجهي ٿو مار کائي ٿو جي هڪ ٻاٻي ٻڌوءِ جو چٽ چٽيل آهي ته وري ''مُڇرُ مامو'' ٻارن کي صحت ناهڻ، سنا ڪم ڪرڻ، سچ ڳالهائڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. سڀ جا سڀ ناٽڪ سکيا، منورنجن سان ڀرپور آهن. ناٽڪي فن جي تقاضا کي پورو ڪندڙ ڪامياب آهن. ڪجهه ناٽڪ اسڪولي شاگردن منهنجي هدايتڪاريءَ ۾ آڪاشواڻي ۽ اسڪولي ساليانه جلسي ۾ پيش ڪ آهن. ''ڏاهري'' جي ويڊيو فلم به ٺهي آهي. پڙهو ۽ موج ماڻيو.

- **ڀڳوان ''نردوش''** (احمدآباد

ضمون، مهاڀرشن ۾ مهان اِسترين جون جيونيون وغيره اَچي وڃن ٿيون. شروعات
ال-ڪهاڻين سان ڪريون ٿا.

ال - ڪهاڻيون (باتصوير)

اَڄ جون ٻال ڪهاڻيون صرف راجا راڻين، پسن پکين، جنن ڀوتن، ديئتن، ڏائڻين
ون ڪهاڻيون نه آهن. اَڄ جي ٻال-ڪهاڻين جي دائري ۾ اِتهاسڪ ڪهاڻيون،
يرتا جون وارتائون، وگيان جي ڪيل ترقيءَ جي پس منظر ۾ لکيل آکاڻيون به اَچي
ڃن ٿيون. ٻال ڪهاڻيون لوڪ-ڪٿائون، ڏند ڪٿائن، پؤراڻڪ ڪٿائن جي آڌار تي
، لکيل ٿي سگهن ٿيون. جادوئي چمتڪار جون ڪهاڻيون به ٿي سگهن ٿيون ته
رين جو دلچسپ آکاڻيون به ٿي سگهن ٿيون. پر اِنهن ڪهاڻين جا پاتر خود ٻار
ڄن ۽ اُنهن ۾ ٻارن جي تمنائن ۽ ڀاونائن جي عڪاسي ٿيل هجي ته سوني تي
هاڳي جو ڪم ڪندي. زندگيءَ جي بدلجندڙ ملهن جي معلومات ڏيندي اَهڙي
وليءَ جو استعمال ڪرڻ جڳائي، جا ٻار سولائيءَ سان سمجهي سگهن. اَڄ جي وقت
واتاورڻ اَنوسار، اَڄ نون وشين تي ڪهاڻيون لکيون پيبون وڃن. اِهو لازمي آهي ته
ال ڪهاڻي دلچسپ نموني ٻڌايل هجي، جيئن ڪهاڻي پڙهندي ٻار جي من ۾
ڪننا پيدا ٿئي ته اَڳتي ڇا ٿيندو. مطلب ته ٻار هڪ دفعو ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ هٿ
ڪٹي ته بنا پوري ڪرڻ جي رهي نه سگهي. اُها ئي ڪامياب ٻال-ڪهاڻي ليکي
گهجي ٿي. ڊاڪٽر جيني لعلواڻيءَ پنهنجين ٻال ڪهاڻين ۾ انهن اُصولن جي
روي ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي. ڪن نقادن جي ويچار ۾ ٻال-
هاڻيءَ ۾ ڪا نه ڪا سکيا يا ڪو سنديش هئڻ ضروري آهي، ته ڪن نقادن جي
يالن ۾ ٻال-ڪهاڻيءَ ۾ وندر جو جزو هئڻ لازمي آهي. منهنجي خيال ۾، انهن
هي جزن جو هئڻ لازمي آهي. مطلب ته سکيا جي سکيا ته وندر جي وندر. اِهي
صول آڏو رکي ڊاڪٽر جيني لعلواڻي جي ڪهاڻين جي مجموعي 'ٻليءَ جو صبر'
درج ڪيل ٻال-ڪهاڻين جي اوڪه-ڊوڪه ڪجي ته اِهو ظاهر ٿي بيهندو ته هُن
هنجيءَ هر ٻال ڪهاڻيءَ ۾ ڪا نه ڪا سکيا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيتوڻيڪ
ٻال-ڪهاڻين 'ٽرافڪ پوليس وارو' ۽ 'ٻليءَ جو صبر' ۾ 'وندر جي وندر ته سکيا
سکيا' وارو اُصول اَپنايو اَٿائين. ٻال ڪهاڻيءَ جا مکيه جزا آهن : اِنتظار ۽ موج
و يا دلچسپي. اِهي ٻئي جزا 'ٻليءَ جو صبر' ڪهاڻيءَ ۾ اُڀري بيهن ٿا، جيتوڻيڪ
نظار جو جزو اِن ڪهاڻيءَ ۾ وڌيڪ اُڀريل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ٻليءَ جي ڪردار

ٻال ساهت ۽ جيٺو لعلواڻي

- واسديو ”نرمل“

اَڄ جڏهن سنڌي ٻانڪ ڏينهون پوءِ گهٽبا پياوڃن، تڏهن هڪ ئي روشن آئيندي جو خواب آهي سنڌي ٻال ساهت. جيترو سنڌي ٻال ساهت وڌيڪ ڇپبو، اوترا ٻال-ٻانڪ وڌيڪ ۽ وڌيڪ ٿيندا ويندا ۽ اُهي اَڄ جا ٻال-ٻانڪ، سڀاڻي جا بالغ ٻانڪ ٿي سگهن ٿا. اِنڪري اَڄ سنڌيءَ ۾ ٻال ساهت لکڻ جي بيحد ضرورت آهي ۽ اِن لاءِ ٻال ساهت لکڻ لاءِ ليکڪن ۽ شاعرن جو جهجهو تعداد گهرجي، جي اَڄ جي سنڌي ٻال-ٻانڪن لاءِ گهربل ٻال-ساهت ميسر ڪري سگهن. ان لحاظ کان ڊاڪٽر جيٺي لعلواڻيءَ جون سنڌي ٻال - ساهت ۾ لکڻ لاءِ ڪيل ڪوششون قابل داد آهن.

ٻال ساهت جي رچنا ڪرڻ هڪ اَٽ ڪانيو ڪم آهي. هرڪو ليکڪ ٻال-ساهت جي رچنا نٿو ڪري سگهي، ڇو تہ ٻارن لاءِ رچنائون اُهو ليکڪ لکي سگهندو، جو پنهنجين رچنائن ۾ ٻاراڻن ٻولن ذريعي مزيدا ماحول پيدا ڪري سگهندو، جيئن ٻارن جي رُچي اُهو ساهت پڙهندي برقرار رهي. ٻال-منووگيان جي سُوجهہ ٻُوجهہ رکندڙ ليکڪ ۽ ٻارن لاءِ اَدب ڪاميابيءَ سان لکي سگهن ٿا. ٻال ساهت لاءِ ٻولي ميناج ۽ روانيءَ ڀري ۽ سليس هئڻ گهرجي. ٻولي عام فهم هئڻ گهرجي، جيئن ٻار سولائيءَ سان سمجهي سگهن. ٻاراڻن اُڏمن جو اِظهار سادگيءَ ۽ سچائيءَ سان ٿيڻ گهرجي. شري جيٺي لعلواڻيءَ ٻال ساهت جي اِنهن بنيادي گهرجن جي ڀليءَ ڀت پوئواري ڪئي آهي اِن ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي.

ٻال ساهت وڏن اَکرن (Bold Type) ۾ ڇپيل هجي تہ بهتر. جتي جتي ضروري هجي، اُتي اُتي زيرون، زبرون، پيش ڏيڻ گهرجن، جيئن ٻارن لفظن جا صحيح اُچار جاڻي سگهن. اَزانسواءِ ڪتابن جي سجاوت بہ دلڪش هئڻ گهرجي ۽ اُنهن ۾ واسطيدار گهربل تصويرون بہ هئڻ گهرجن. ڊاڪٽر جيٺي لعلواڻيءَ جي ڇپيل ٻال-ساهت ۾ اِنهن ڳالهين ڏانهن خاص ڌيان ڏنو ويو آهي، جنهن لاءِ هو مبارڪن جو مستحق آهي.

ٻال ساهت جي دائري ۾ ٻال-ڪوتائون، ٻال-ڪهاڻيون، ٻال ناول، ٻارن لاءِ

ل ناول (باتصوير)

بال ڪهاڻيءَ ۾ زندگيءَ جي ڪنهن خاص پهلوءَ يا نقطي جو ذڪر هوندو آهي تہ
-ناول اِنساني زندگيءَ ۽ سماج جي مختلف پهلن جو ديدار ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾
ٻاري اصلوڪا ٻال ناول مشڪل سان هڪ ٻڙن ملندا، جيتوڻيڪ اَلڳہ الڳہ ٻولين
ڪيترا ئي ٻال-ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن جي ڇپجي بہ چڪا آهن تہ
ٻارڪن پسند بہ ڪيا آهن. اِنهن ۾ ڊاڪٽر جيني لعلواڻيءَ جا ترجمو ڪيل
ٻال-ناول وساري نٿا سگهجن. اهي ٻال-ناول آهن : 'علي بابا گم' ۽ 'جادوئي
و'. ٻئي گجراتيءَ جي مشهور ساهتڪار جيورام جوشيءَ جي ٻال ناولن جا
ٽا ترجما آهن، جي هڪ ٻئي پٺيان ۱۹۸۱ ۽ ۱۹۸۲ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيا. 'علي
گم'، 'علي بابا چاليهہ چور' جي جڳہ پرسڌ ڪهاڻي جي آڌار تي لکيل ناول
ي، جنهن ۾ ليکڪ جيورام جوشيءَ هڪ خوبصورت موڙ ڏنو آهي، جو ناول کي
فقط دلچسپ بڻائي ٿو پر اُن ۾ اِنتظار جو جزو وڌيڪ سبل بڻائي ٿو. اِهو
-ناول سنڌي ٻارڪن ۾ ڪافي مقبول پيو آهي. اُن جو هڪ ڇاپو سنڌ ۾ بہ
ٻو آهي. اِن ناول جي مقبوليت جو مکيہ سبب آهي، اَصلوڪي ڪهاڻيءَ ۾
ي موڙ. ليکڪ چاليهن چورن جي سردار جي پٽ مجيد جو ڪردار خلقيو آهي
آخر ۾ هڪ چور مان شريف بڻجي ٿو. اِن تبديل لاءِ ٻيا بہ ڪردار جوابدار
ن، جي آهن علي بابا جو پٽ علي داد ۽ هيرن جواهرن جو واپاري جمال
ري. انهن ڪردان معرفت اصلوڪي ڪهاڻيءَ ۾ ڪافي ڦيرڦار آڻي، ڪهاڻيءَ
نتظار جو جزو وڌايو ويو آهي، جو ان ناول کي لوڪپريہ بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿيو
ي.

ٻال ناول 'جادوئي چدو' جي ڪهاڻي بہ دنيا ڀر مشهور ٻال ڪهاڻي 'جادوئي
غ' جي آڌار تي لکيل آهي. اُن ۾ بہ ليکڪ دلچسپ موڙ ڏيئي ڪهاڻيءَ کي
ن رنگہ ڍنگہ سان پيش ڪيو آهي، جو ٻارن جو منورنجن ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو
ي.

ٻنهي ناولن جو اَنواد ڊاڪٽر جيني لعلواڻيءَ خوبصورتيءَ سان ڪيو آهي ۽
وڪي رچنا جو رس، سنڌي ٻارڪن کي ونائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي اٿائين.
ٻئي ناول جيتوڻيڪ ترجما آهن، پوءِ بہ سنڌي ٻال ساهت ۾ قابل قدر اِضافو آڻڻ
ڪامياب ويا آهن.

معرفت، اَڄ جي سماجڪ سرشتي تي تلخ طنز ڪيل آهي. مجموعي جي باقي ڪهاڻين ۾ ڊاڪٽر جيٺي لعلواڻيءَ ڪونه ڪو پيغام ڏيڻ چاهيو آهي. ’اَپاهج آهيون ڪمزور ناهيون‘ ۾ محنت جي ڪمائيءَ ۾ ئي برڪت سمايل آهي، اِهو پيغام سهڻي نموني ڏنل آهي. ’همت جنين جي سنگ‘ ۾ دل نه هارڻ لاءِ اُتساهه ڏيارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيل آهي. ’مرڪندڙ چهرو‘ ۾ هڪ ٻالڪ جي پُرسوز ڪهاڻي آهي جو بدن ۾ پروٽين جي ڪميءَ سبب سور ته سهي ٿو ليڪن مرڪندي مرڪندي. ڪهاڻي پڙهي مونکي پنهنجو هڪ غزل مقطع (آخرين بند) ياد اَچي ويئي، جنهن ۾ چيل آهي :

’سون سکيو ئي ناهه مُرڪڻ ريءَ پيو ڪجهه اِنکري

مؤت سان ڀي مُرڪي نرمل، هٿ ملائي ٿو وڃان.‘

’صبر جو ڦل، ڪهاڻيءَ جو نائڪ پروين نندو ڊنڊو شروع ڪري ٿو ۽ آخر اُن کي ئي وڌائي ٿو، جيئن ڪهاڻيءَ جو عنوان ڏئي ٿو، ڪهاڻيءَ ۾ اِهو پيغام ڏنو ويو آهي ته ’صبر جنين جو سنگ، تير نه ڪُسي تن ڪوُن.‘

’دليري‘ ڪهاڻيءَ ۾ سٺي رانديگري (Sportmanship) جو پيغام ڏنل آهي ته ’محنت جو ڦل‘ڪهاڻيءَ ۾ اِهو پيغام ڏنل آهي ته حالتن سان ٺهڪي هلڻ گهرجي، مشڪلاتن کي مُرڪندي منهن ڏيڻ گهرجي، سماج جي مدي خارج ريتين ۽ رسمن ۽ ويچارن خلاف آواز اُٿارڻ ۾ ڪابه اَربع خطا ناهي، حد کان وڌيڪ ضابطو ۽ دٻاءُ ضروري آهي ۽ ڇوڪرين کي وڌيڪ پاڙهڻ سان هوُ ڪري ڪونه پونديون ۽ اِهو پيغام ڏيندي ڏيندي، اِهو ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته محنت جو ڦل سَدائين مٺو ٿيندو آهي. مجموعي جي آخرين ڪهاڻي ’پڇتاءُ‘ ۾ به ليڪ اِهو پيغام ڏنو آهي ته ڪنهن جو سڀاءُ، صبر ۽ سهن‌شيلتا ذريعي بدلائي سگهجي ٿو. اِنهن ٻال ڪهاڻين ۾ ڊاڪٽر جيٺي لعلواڻيءَ عام فهم محاوريدار ٻولي، جنهن ۾ حالتن سان ٺهڪندڙ پهاڪن جو به سهڻو اِستعمال ڪيل آهي- ڪتب آندي آهي، جا ڪهاڻيءَ جي شئليءَ کي ڪٽي ٻيهي ٿي. ڪي اِصطلاح جن جو اِنهن ڪهاڻين ۾ تُز اِستعمال ڪيل آهي، آهن : ٻُڙڪ نه ٻولڻ، مؤت جو ٻڪ ٻڌڻ، ٻڪ ۾ پاهه ٿيڻ ، رتون رتڻ وغيره ۽ استعمال ٿيل پهاڪا آهن : ٻڪ ٻچڙو ٽول دانا ديوانا ڪري، همت مردان مدد خدا وغيره.

تصر، ڪردارن سان نهڪندڙ تز ۽ دلڪش آهي، جا روزمره جي زندگيءَ ۾
ئن اڪثر ڳالهايو ويندو آهي، اُن جي بلڪل نزديڪ آهي. ايڪانڪي ناٽڪ جي
جي لحاظ کان، اِهو اِن مجموعي جو بهترين ناٽڪ آهي.

ڊاڪٽر جيٺي لعلوانيءَ کي ناٽڪ جي فن جي سُٺي ڄاڻ آهي. اِن جو ثبوت
دس ناٽڪ ڪلا تي لکيل ڪتاب آهن. هوُ گذريل ڪافي عرصي کان رنگ منچ
هي مخزن جو سمپادن ڪندو پئي رهيو آهي. پوءِ به هوُ ڪو شاهڪار ٻال-ناٽڪ
ي نه سگهيو آهي، جيتوڻيڪ ٻال رنگ منچ لاءِ هن ٻه طويل ناٽڪ اُلٿو ڪيا آهن
ڪاميابيءَ سان سنڌي رنگ منچ تي پيش ڪيا ويا آهن. اُهي آهن مسٽر
ڙي‌داس ۽ شريمان ڦيرو ڦرڪي جي اصلوڪي ناٽڪن جهڙا ئي ٿا ڀاسن.

ن صدقي (باتصوير)

١٩٨٥ ۾ ڇپيل اِن ڪتاب ۾، ڊاڪٽر جيٺي لعلوانيءَ آزاديءَ جي هلچل جي
ٽي سليس ۽ سولي ٻوليءَ ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻارن ۾ عالمي اَمن ۽
ڀچاري جي ڀاونا اُجاگر ڪرڻ لاءِ 'وطن صدقي' جهڙا ڪتاب ڪارگر ثابت ٿي
هن ٿا. نئين ٽهيءَ کي پنهنجي ديش جي روشن اِتهاس کان واقف ڪرائڻ به
ڪاريہ آهي. انڪري جيتوڻيڪ 'وطن صدقي' نج ٻال-ساهت جي دائري ۾ نه
يڪيو وڃي، پر اُهو ٻارن جي لاءِ ئي لکيل نه هوندي به، ٻارن لاءِ هڪ ڪارائتو
اب آهي، اِهو مڃڻ کان اِنڪار نه ڪرڻ گهرجي. اِنڪري مان اِن ڪتاب کي به
ي لعلوانيءَ جي لکيل ٻال ساهت ۾ شماريان ٿو.

ليڪ، آزاديءَ جي هلچل جي ڪهاڻيءَ جي وچ وچ ۾ ڪن مهاپرشن، آزاديءَ
پروانن جو به ذڪر ڪيو آهي، جن ۾ سنڌي سپوتن هيمون ڪالاڻي، ڄئرامداس
رام، آچاريہ جي.بي. ڪرپالاڻي، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي به شامل آهن ۽ ٻين
ـہ مختصر جيون چريتر شامل آهن. اِن ڪتاب ۾ تاريخ جي وساريل ورقن کي
ڻ لاءِ ليکڪ جس جو ڀاڳي آهي.

ڪاشي ياترا (باتصوير)

اِن ڪتاب ۾، ٻارن جي سمجهہ ۽ عام ڄاڻ وڌائڻ لاءِ، عام فهم ٻوليءَ ۽ وڻندڙ
ڪو ذريعي، آڪاشي دنيا بنسبت گهڻو ئي ڪجهہ ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش
نموني ڪيل آهي. ڏينهن ۽ رات ڇو ٿا ٿين، منڊون ڪيئن ٿيون ٿين، ڪشش

ٻال ناٽڪ (باتصوير)

سنڌيءَ ۾ ٻال رنگمنچ لاءِ لکيل ناٽڪن جي اَڻاٺ آهي. مونکي ياد آهي ت
ممبئيءَ ۾ سنڌي اسڪولن جي ٻارن طرفان ٻهرين ٻال-ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ جيڪي
چار ٻال-ناٽڪ پيش ڪيا ويا هئا اُنن مان ٽي ناٽڪ هن بندي جا لکيل هئا، جي هئا
'همايون اَڪبر جو پٽ هئو'، 'جهڳڙو' ۽ 'ٻوڙا اچي مڙيا هڪ ماڳ'. اِن لحاظ کان
ڊاڪٽر چيني لعلواڻيءَ جي ٻال ناٽڪن جي مجموعي 'ٽرنگي روشني' جي جيتري
مرحبا ڪجي اوتري ٿوري آهي. اِن مجموعي ۾ ڪل چار ٻال ناٽڪ درج ڪيل
آهن، جي آهن- ايڪتا جو آلاپ، پستڪاليہ، ٽرنگي روشني ۽ آرزو.

ٻال ناٽڪ ٻن قسمن جا ٿي سگهن ٿا. هڪڙا جيڪي صرف رنگہ منچ تي کيڏي
سگهجن ۽ ٻيا بنا رنگہ منچ وارا ناٽڪ، جي ڪلاسن اندر، اَڱڻ ۾، اوطاق ۾ راند جي
ميدان تي، رستي تي يا گهٽيءَ ۾ سولائيءَ سان پيش ڪري سگهجن ٿا. 'ٽرنگي
روشني' ۾ درج ٿيل ناٽڪ ٿوري ڦير گهير سان رنگہ منچ تي پيش ڪري سگهجن ٿا

مجموعي جو پهريون ناٽڪ، بہ-اَنڪي ناٽڪ 'ايڪتا جو آلاپ' آهي. ناٽڪ جو
موضوع ٻارن جي ڏانءَ جو هوندي بہ، اُن جي گفتگو ٻارن جي نہ، پر ڪشور اوسٿ
جي وڏن جي ڀيٽي لڳي. ناٽڪ ۾ مائيم اَداڪاريءَ جو سٺو اُپيوگ ڪيل آهي
'پستڪاليہ' ايڪانڪيءَ ۾ لئبرريءَ جا نيم سيکارڻ لاءِ ٽي ڪوشش ڪيل آهي ۽ اِن
دوران ڪتابن جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ چيل آهي. ڪتاب واندڪائيءَ جي وندر
آهن، سچا دوست آهن، اَڪيلائي ۾ سنگي ساٿي آهن ۽ زندگيءَ جا رهبر بڻجي
سگهن ٿا. اِن ناٽڪ ۾ بہ مائيم اَداڪاريءَ دوران ڪريائن ڏيکارڻ جو سٺو پريوگ
ڪيو ويو آهي. ناٽڪ ۾ اِهو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪيل آهي تہ پستڪاليہ واندي
وقت جو سد-اُپيوگ ڪرڻ لاءِ ۽ گيان حاصل ڪرڻ يا وڌائڻ لاءِ ڪارگر وسيلو آهي.

'ٽرنگي روشني' ۾ رستن تي لڳل، ڳاڙهي، پيلي ۽ سائي رنگہ جي بتين ذريعي
راهگيرن کي رستي تي هلڻ يا موٽر، اسڪوٽر، بس، لاري هلائڻ جا قاعدا قانون
سيکارڻ جي سني ڪوشش ڪيل آهي. اَڇن ڪارن پٽن (Zebra Crossings) جي
اَهميت سمجهائيندي ٻارن کي اِهو ذهن‌نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيل آهي ت
راهگير کي رستو، اَهڙن اڇن ڪارن پٽن تان ٽي اورانگهڻ گهرجي.

'آرزو' ايڪانڪيءَ ۾ ٻالڪ موتيءَ جي آرزوءَ جي اُپٽار ڪيل آهي، جو وڏي
هوندي چاچا نهرو جهڙو وڏو ماڻهو بڻجڻ چاهي ٿو. ناٽڪ ۾ پاتر ٿورا آهن، گفتگ

باغ جو سئر



ڪلاڪار :	ماستر	سندر
	رام	روشن
	موهن	گيتا
	پيگڙو	سنيل
	ڪويتا	انيل
	مايا	سيما
	راڻي	سنيتا
	وندنا	

بس جو آواز- بس بيهڻ جو آواز - ٻارن جو گوڙ شور)

استر : ٻارو، سڀ بس مان هيٺ لهو. اسين سريتا باغ پهچي ويا آهيون.

(ٻارن جو گوڙ)

وهن : رام بس مان منهنجي واٽر بئگ ته لاهه.

ينا : ڪويتا، منهنجو سويٽر ته ڪڍي ڏي.

ستر : رام، سڀ کاڌي جون شيون ۽ سامان سنڀالي لاهيو.

(ٻارن جو گوڙ- گانن جو گنگنائڻ.... ٺهڪ وغيره)

ستر : ٻارو، سڀ هيڏانهن اچو.... رام ڏس هوُ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن. سيني کي سڏ ڪر....

ثقل چا آهي، سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ ڪڏهن ۽ ڇو ٿا ٿين، ٻين گرهن تي ٻه ڏينهن رات ۽ مندون ٿينديون آهن ڇا؟ منگل ۽ شڪر گرهن تي جيو-پراڻي ٿي سگهن ٿا ڇا؟ اِنهن ۾ اَنيڪ اَهڙين ڳالهين جو وگيانڪ نڪته نظر کان ورڻن ڪيو ويو آهي. ٻارن جي عام ڄاڻ (General Knowledge) وڌائڻ لاءِ اِهو ڪتاب واهر ڪندو، اَهڙي قوي اُميد اٿم. اِن لحاظ کان اِهو ڪتاب سنڌي ٻال ساهت ۾ قابل قدر اِضافو ليکي سگهجي ٿو.

آخري ۾ ايترو چوڻ ضروري ٿو سمجهان ته ٻال ساهت ڏانهن سنڌي ليکڪن گهڻو توجهه نه ڏنو آهي. ڊاڪٽر جيني لعلواڻيءَ جو سنڌي ٻال ساهت ۾ يوگدان اَنداز ۽ تعداد جي لحاظ کان گهڻو گهٽ هوندي به، سنڌي ٻال ساهت ۾ سٺي معياري ٻال ساهت تي يا ٻارن لاءِ لکيل اَدب جي اَٽاٽ کي خيال ۾ رکندي، اِهو چوڻ ۾ ڪوبه هرج ڪونهي ته جيني لعلواڻيءَ سنڌي ٻال ساهت ۾ چڱو يوگدان ڏنو آهي. شل اَڃا به سنڌي ٻال ساهت جا گهڻا پريندو رهي.

□□

هڪ ڳالهه ياد رکجو. باغ کان ٻاهر نہ وڃڻو آهي ۽ باغ مان ڪي بہ گل ڦل يا پن ٽاريون نہ پٽڻيون آهن. وڃو... گهمو، ڦرو ۽ موج ڪريو....

(ٻارن جو گوڙ.... کل.... ٺهڪ.... وغيره)

استر : رام، هن وڻ هيٺان فراس وڇايو.... سڀ شيون هتي رکو.... راند جو سامان جنهن کي گهرجي اُن کي ڏيو.... توهين بہ باغ جو سئر ڪري اچو.... پوء گڏجي رسوئي ڪنداسين.

ام : چڱو.... سر....

(پريان کان روئڻ جو آواز)

استر : رام ڏس تہ، ڪير روئي رهيو آهي؟

ندر : (پريان) سر، سر، ڀڄڙو وڻ تان ڪري پيو....

ام : سر، ڀڄڙي جي روئڻ جو آواز آهي.

استر : هلو تہ ڏسون.... (قدمن جو آواز) اڙي ڀڄڙا هي چا ٿيو؟

ندر : سر، ڀڄڙو وڻ تي چڙهيو هو، اُتان ڪِري پيو.

استر : ڀڄڙا ڏسان، گهڻو ڏک تہ ڪونہ لڳو اٿيئي؟

ڄڙو : (روئندي) سائين پير مڙي ويو آهي.... ڏاڍو سور ٿو ٿئي.

ندر : سائين، هان وٺو هيءَ آيوڊيڪس.... لڳايوس ٽيچر هلڻ وقت هيءَ گوريون ۽ فرسٽ ايڊ باڪس ڏنو هو.



ام : سر، مان ٿو مالش ڪريانس.

ڄڙو : سر، ڏاڍو سور ٿو ٿئي.... آهستي مالش ڪر.

استر : (پيار وچان) مون توکي منع ڪئي هئي، پوء بہ تون وڻ تي چو چڙهيو



رام : سندر، ڪويتا، موهن، سويٽي.... سڀ هيڏانهن اچو... سر توهان کي گهرايو آهي.... ها.... هيڏانهن اچو....

ماستر : ٻارو، توهان سڀ سامان بس مان سنڀالي لاٿو؟ وري ٻه پنهنجي پنهنجي شيءِ ڏسي وٺو. ڪٿي ڪجهه رهجي ته نه ويو....

رام : سر، مون سڀ بس چيڪ ڪئي آهي.

ماستر : گڊ.... ها ته ٻارو اچو ته مان توهان کي هن باغ بابت ٻڌايان. ها ته ڌيان سان ٻڌو :

اڄ اسين سريتا باغ ۾ توهان کي پڪنڪ ڪرائڻ لاءِ وٺي آيا آهيون. هيءُ باغ گجرات جي راڄڌاني گانڌينگر ۾ آهي.هن باغ جي رونق ڏسڻ وٽان آهي. رنگ به رنگي گل هن باغ جي سونهن آهن. دنيا ڀر جي سڀني قسمن جا گل هن باغ ۾ آهن. گلاب جا گل جيڪي اڪثر گلابي رنگ جا ٿيندا آهن پر اڇا، ڪارا، پيلا گلاب جا گل هن باغ ۾ توهان کي ڏسڻ وٽان ملندا. وڏا ڇايادار وڻ آسمان سان ڳالهيون ڪندي ملاقاتين کي آرام پڻ بخشيندا آهن. باغ جي ڪاٻي پاسي ڪمل جي گلن جو تلاءُ آهي ته ساڄي پاسي وري ٽري ون هِلِ آهي، رنگ به رنگي ميوزيڪل ڦوهارو لڳل آهي. باغ جي وچم ٽرين آهي ته تلاءَ ۾ توهين ٻيڙيءَ جو سئر به ڪري سگهو ٿا. توهان جي راندين جو به هتي سٺو بندوبست ڪيل آهي. پينگهو، ڇيڪلا، واٽر فال به آهي. توهين ننڍڙي ننڍڙي پياري ريل ۾ سئر به ڪري سگهو ٿا. وري گهوڙي گاڏي، هرڻ گاڏي.... ٻڪري گاڏيءَ جي موج به وٺي سگهو ٿا. ها،





مارون بہ کاڌيون آهن،
سزائون بہ ڀوڳيون آهن.
تنهنجين شرارتن کان
تنگ ٿي، سيني ٻارن
توکي پکنک تي وٺي
اچڻ لاءِ انڪار پڻ ڪيو.
توکان پکنک جا پئسا بہ
نہ ورتائون. پر مون توتي
وشواس ڪري هتي پاڻ
سان گڏ آندو، پر اڄ
سا ڳئي شرارت تو هن
باغ ۾ بہ ڪئي ۽ نتيجو
تنهنجي سامهون آهي. هيءَ تہ شڪر آهي جو توکي پير ۾ صرف موچ
آئي آهي. ڪٿي ٽنگ، ٻانهن.... ڀڄي پوئي ها تہ....

و : سائين معاف ڪريو. اهڙي ڀل وري نہ ڪندس.

نر : اهڙا انجام تہ تون ڪيترا ئي ڀيرا ڪري چڪو آهين.

و : (التجا واري نوع ۾) سائين، آخرين ڀيرو معاف ڪريو.... مان ڪن تو پڪڙيان.

نر : ڀڳڙا، تون هرگز معافيءَ جي لائق نہ آهين، تون جنهن ڳالهہ کي مذاق تو سمجهين اِها مذاق توکي، مونکي، اِنسان ذات ۽ ديش کي ڪيترو نہ نقصان پهچائي رهي آهي.

: سر، مون تہ صرف گل ۽ انبڙيون پٽيون.

: سر، ڀڳڙو ڪوڙ تو ڳالهائي.... سامهون ڏسو هن وڻ جون ٽاريون بہ پٽيون اٿس.

تا : ٽارين مان چابوڪ ٺاهي اسان کي هڻڻ لاءِ....

ر : ڀڳڙا! تون شرارتن کان باز نہ ايندين.... توکي خبر آهي تہ ٽاريون پٽڻ.... وڻ ڪپڻ ڪيترو ڏوهہ آهي.

: سر، سامهون لکيل آهي ''وڻ، گل ۽ پن پٽڻ، هٿ لڳائڻ قانوني گناهہ آهي.''



هئين؟

مينا : سر، ڀڳڙو وڻ مان انبڙيون پٽي رهيو هو.

ڪويتا : سر، هن گلاب جا گل به پٽيا آهن. ڏسو هن جي هٿن ۾ ڪيترا نه ڪنڊا لڳا اٿس.

ماستر : ڀڳڙا منهنجي منع ڪرڻ جي باوجود به تو گلاب جا گل پٽيا؟

ڀڳڙو : ها سر، ٿورا پٽيا اٿم.

ماستر : توهان سڀني کي هدايت ڪئي هئم ته باغ ۾ ڪوبه ٻار ڪنهن به قسم جي شرارت نه ڪندو ۽ نه ئي ڪنهن گل، ٻوٽي کي هٿ لاهيندو.

مينا : سر، ڀڳڙو ته اسڪول ۾ پوکيل وڻ ٻوٽا به ٽوڙيندو آهي. وڻن جي ٽارين مان ڇهبوڪ ٺاهي اسان کي هڻندو آهي.

ماستر : (ٿورو غصي ۾) ڀڳڙا، تون ڪلاس ۾ ته شيطاني ڪندو ئي آهين، تو اسڪول جو باغ به ٽوڙي ٽوڙي اُجڙ ڪري ڇڏيو آهي. اِن ڏوهه لاءِ تو ڪيترين

گڏ ۽ پاڇيون به پوکيون آهن.

نر : ڏاڍو سٺو. هرهڪ ناگرڪ ۽ ڪٽنب کي ائين ڪرڻ گهرجي.

يتا : سر، توهان چيو، وڻ ٽوڙڻ سان ڪافي نقصان ٿئي ٿو.

نر : ها ڪويتا، وڻ اسان جي جيون جا ساٿي آهن. وڻ ڌرم، ارٿ، موکش ۽ ڪام جا ساڌن آهن. وڻن جو وناش معنيٰ اسان جو، اِنسان ذات جو وناش.

ي : سر، رستي تي پڻ لکيل هئو وڻن کي پريم ڪريو، برسات توهان کي پريم ڪندي.

تر : ها، ڪويتا وڻ برسات آڻيندا آهن ۽ برسات ۾ وڻن ڪري جتي ڪٿي ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي آهي. ساوڪ اکين جي روشني وڌائڻ سان گڏ سرير ۽ دماغ کي سگهارو بڻائي ٿي، تراوت ڏئي ٿي.

: سر، وگيان ۾ پڻ چيل آهي تہ وڻ ۽ ٻوٽا بہ ساهوارا آهن.

تر : ها رام، ڌرتيءَ جنهن جيوَ کي پهرين جنم ڏنو اُهي وڻ ۽ ٻوٽا آهن. وڻ بہ اِنسان جيان ساهہ کڻن ٿا، ساهہ ڇڏين ٿا ۽ هوا کي صاف رکڻ ۾ مدد ڪن



پگڙو : سر، مون برابر گل پٽيا آهن. مونکي معاف ڪريو.... پر سر، مان هر دفعي
اسڪول طرفان وڻ پوکيو جيڪو هفتو ملهايو ويندو آهي اُن ۾ وڻ پوکيندو
آهيان.
ڪويتا : سر، پگڙو هفتو وڻ پوکيندو آهي ۽ سڄو سال پوکيل وڻ اُجاڙيندو آهي.
پگڙو : سائين، ڪويتا ڪوڙ ٿي ڳالهائي.
ماستر : پگڙا، ڪوڙ ڪويتا نہ، پر تون ڳالهائي رهيو آهين. مون توکي ڪيترا دفع
سمجهايو آهي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ پاپ آهي.
سندر : سر، مان بہ هن کي وڻ ٽوڙڻ کان منع ڪندو آهيان، پر هوُ ٻڌندو ئي
ڪونهي.
ماستر : توهان جڏهن وڻ پوکيو ٿا، تہ اُن جي سار سنڀال لهڻ توهان جو فرض آهي
ڪين نہ؟
مايا : سر مان تہ هرروز وڻن کي پاڻي ڏيندي آهيان.
ڪويتا : سر، مان تہ تلسي، بڙ ۽ پپل جي پوڄا ڪندي آهيان، پاڻي ڏيندي آهيان
راڻي : سر، منهنجو پپا، وڻن کي پاڻي ڏيندو آهي. اُن جي پاڙن مان اجايو گاه
ڪڍي صاف صفائي بہ ڪندو آهي.
سنيتا : اسان پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ ننڍڙو باغ ٺاهيو آهي. جنهن ۾ گلن سان



رستا ويڪرا ڪرڻ، وڏيون وڏيون بلڊنگون ٺڙيون ڪرڻ لاءِ اسان باغ باغيچا ٽوڙيا آهن ۽ وڻ ڪپيا آهن. جنهن ڪري شهرن ۾ پردوشڻ وڌيل آهي. پر اسان جيڪڏهن شهرن ۾ به تمام گهڻا وڻ پوکينداسين، ته شهر کي صاف سٿرو بنا دونهين وارو بڻائي سگهنداسين.

يتا : اِهو وري ڪيئن؟

اسٽر : جنهن کي تون ڪارو دونهون سمجهين ٿي، اُها حقيقت ۾ ڪاربانڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ڪاربان مونو آڪسائيڊ زهري گئس آهي، جيڪا اسان جي سرير ۾ ساهه رستي وڃي ٿي ۽ کنگهه، ٽي.بي.۽ جهڙيون خوفناڪ بيمارين کي جنم ڏئي ٿي، پر وڻ اُن ڪاربانڊاءِ آڪسائيڊ جو پنهنجي کاڌي طور اُپيوگ ڪندا آهن.

وشن : ها سر، اسان پڙهيو آهي ته ساون پنن ۾ جيڪا ڪلوروفل ٿيندي آهي، اُها سج جي روشنيءَ جي مدد سان ڪاربانڊاءِ آڪسائيڊ ڪٺي، پنهنجو کاڌو تيار ڪندا آهن ۽ آڪسيجن گئس ماحول ۾ ڇڏيندا آهن.

دنا : سر، وڻن کي اسين قدرت جا ڦڦڙ به سڏيندا آهيون؟

ستر : برابر وندنا. ماحول کي صاف ڪرڻ جو ڪم وڻ ئي ڪن ٿا. اِن ڪري جتي ڪٿي وڻ پوکڻ ئي گهرجن.

نيل : سر، موريون، گجرون، ٻٽاٽا، بصر، پاڇيون وغيره به ته اسان کي نباتات بخشي ٿي.

ستر : ها، ڪيترا ساهوارا ۽ اِنسان پڻ نباتات جي آڌار تي جيون گذارين ٿا.

يما : سر سنجيوني ٻوٽي ڇا ٿيندي آهي؟

ستر : سنجيوني ٻوٽي زندگي بخشيندڙ نباتات آهي.

شن : سيما تو راماڻ ۾ ڪونه ڏٺو ته جڏهن لڇمڻ بيهوش ٿي ٿو وڃي تڏهن هن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ هنومان ڪئلاش پربت کڻي ٿو اچي، جنهن مان سنجيوني ٻوٽي پٽي، لڇمڻ کي سنگهائي ڪيس هوش ۾ آندو ٿو وڃي.

ستر : برابر، نباتات مان اسان کي ڪيترين ئي دوائون پڻ ملن ٿيون. جيڪي ڪيترين بيمارين کي دور ڪرڻ ۾ مددگار ٿين ٿيون.

تا : ڪارا مرچ، لونگ، ڦوٽا، سوپاريون، ڪاچا، بادام، پستا وغيره به نباتات ئي ته آهن سر؟

ستر : ها، اِن لاءِ اسان جو فرض آهي ته اسين وڻن جو بچاءُ ڪريون، اڙٻنگ

ٿا. ٻارو، اِنسان گھڻيون شيون نباتات مان حاصل ڪري ٿو. اِنسان جئن
نباتات جي سهاري جيئي ٿو تئن جانور، پسون ۽ پکي پڻ هنن وڻن، ٻيلن
جي سهاري جيئن ٿا.

مايا : سر، جھوناڳڙھ جي ٻيلن ۾ تہ خونخوار شينهن رهندا آهن.

ماستر : ها، جھوناڳڙھ جي ٻيلن ۾ شينهن، چيتا ۽ ٻيا جانور بہ رهندا آهن. هرڻ
مور بہ ٻيلن ۾ ئي نچندا-ٽپندا آهن. قسمين قسمين جا پکي باغن ۾
لاتيون لنوندا آهن.

وندنا : سر، پکي بہ تہ پنهنجا ماڙا ۽ آکيرا وڻن ۾ ئي ٺاهيندا آهن.

ماستر : ها وڻ اُنهن جو گھر ۽ آرام گاھہ آهن.
ٻارو، اِنسان جڏهن غفائن ۾ رهندو هو، تڏهن هو پڻ جھنگل جي آڌار
تي ئي جيئندو هو. سرير کي ڪپڙن سان نہ پر وڻن جي پنن سان ڍڪيندو
هو. نہ صرف ايترو پر هو وڻن مان ميوا ڦل حاصل ڪري کائيندو هو.

روشن : منهنجي ڏاڏي چوندي آهي. وڻ پروپڪاري آهن، وڻ ڏيندو رهندو آهي،
وٺندو ڪجھہ بہ نہ آهي.

ماستر : ها روشن، تنهنجي ڏاڏي سچ ٿي چوي. وڻ جا سڀ انگ پن، ٻور، ٻج
گل ڦل، ڪل، چوڏا، ڀاڙون، رس وغيره اِنسان ذات جي ڪم ايندا آهن
هوُ اُس کان بچڻ لاءِ ڇايا تہ ڏيندو آهي، پر هن جون لڪڙيون، لڪڙين
مان ٺهيل ڪوئلا ٻارڻ جي شڪتي ڏين ٿا. جن تي ڪل-ڪارخانا هلن ٿا

گيتا : سر، وڻن مان خوشبوئدار عطر ۽ ڪونئر بہ تہ ملندي آهي.

ماستر : ها ٻارو، وڻ جنم کان وٺي مرڻ تائين، اِنسان ذات جو ساٿي آهي. ننڍپڻ
۾ هوُ جھولي ۾ ڪٺي جھولائيندو آهي تہ موئت وقت آرام دايڪ موئت سيج
پڻ بڻجندو آهي. وڻن ۾ پکين جا کھر، آکيرا پڻ ٿين ٿا.

سيما : پر سر، هاڻي تہ اسين شهرن ۾ رهون ٿا.

ماستر : ها، اڄ بہ ڪيترييون آديواسي قومون جھنگلن ۾ رهن ٿيون. اڄ بہ اسان ج
ديش ڳوٺن جو ديش ڪري سڏيو ويندو آهي.

گيتا : اڄ شهرن ۾ ڪيتري نہ گندگي-دونهون آهي.

ماستر : ها، هڪ تہ شهرن ۾ ماڻهو گھڻي انداز ۾ رهن ٿا. ڳتيل ايراضيون آهن
ڪلون، ڪارخانا، مليون ۽ واهڻ جيڪي، گھڻو دونهون پئدا ڪري ماحو
کي خراب ۽ زهريلو بڻائين ٿا، اُهي بہ شهرن ۾ ئي آهن. وري شهرن ۾

گل - ري گ م پ
ميوو - گ م پ ڌ
ساري گ م پ ڌ ني سا اسين وڻ پوکينداسين. (توهين به ڳايو)
ڊبل آواز (سڀ ڳائن ٿا) اسان وڻ پوکينداسين.
گهر گهر وڻ پوکينداسين
اسين در در وڻ پوکينداسين
اسين جتي ڪٿي، هت-هُت پوٽا پوکينداسين
پوکينداسين پائي، وڻ پوکينداسين
اسين گڏجي وڻ پوکينداسين.
ستر : واهه واهه.... ڏاڍو مزو اچي ويو.
اسين وڻ پوکينداسين
اندر وڻ - ٻاهر وڻ
وڻ ئي وڻ....
: ساري گ م پ ڌ ني سا
اسين وڻ پوکينداسين
پوکينداسين پائي پوکينداسين.
(آهستي آهستي آواز گهٽجندو وڃي ٿو)
(سنگيت)

* * *

انيل وانگر وڻ، ٽاريون، ٻوٽا پٽي هرويرو وناش نہ ڪريون.

سنيل : سر، انيل سڌرڻ وارو ئي ڪونهي.

وندنا : هاڻي هن کي سمجهہ ۾ اچي ويو هوندو تہ وڻ هتيا پاپ آهي.

انيل : وندنا، تون سچ ٿي چوين، مان واقع ئي غلط ڪم ڪري رهيو آهيان. سر، مونکي معاف ڪريو.... مان انجام ٿو ڪريان تہ ڪڏهن بہ وڻ، ٽڻ، گل نہ ٽوڙيندس.

ماستر : انيل، اِهي تنهنجا سچا دوست آهن. اُنهن سان پريم ڪري ڏس تہ توکي ڪيتري نہ موج ٿي لڳي ۽ آرام ملي. وڻ-باغ روح جي راحت آهن.



انيل : سر، مان وڻن کي جيون ساٿي بڻائيندس. مان اُهي پوکيندس، اُنهن جي سار سنڀال بہ لهندس.

سنيل : سر، اسين بہ وڻ پوکينداسين. (ڳائي ٿو)

وڻن لاءِ ٻج.... ساري ڳ م پ

پاڙ - م پ ڌ ني

ٽڙ - پ ڌ ني سا

پن- پ م ڳ ري

هن : ڇو نہ ملندو، بال اسان جو آهي توهان جو ٿورو ئي آهي.
مون : توهان اسان جو نقصان ڪيو آهي، اُهو ڪير ڀريندو؟
هن : (غصي ۾) اجائي بڪواس بند ڪر. هٽ پري مان تو بال ڪٽي اچان.
مون : مان پري ڪونہ هٽندس. ڇيم نہ توکي بال نہ ملندو.
هن : ما بہ تو ڏسان، بال ڪيئن نٿو ملي، هٽ پري نہ تہ....
مون : ڪونہ هٽندس، ڪونہ هٽندس.
هن : هٽين تو ڪين....
مون : اڙي! اڙي! ڌڪا ڇو تو ڏين. ڇيم ڪونہ هٽندس معنيٰ ڪونہ هٽندس.
هن : ڇيم بال ڏي.... اسان کي راند ۾ دير ٿي ٿئي.
مون : ڪجھ بہ ٿئي، بال نہ ڏيندس.



هن : تون، هن گهر جو نوڪر آهين. نوڪر ٿي ڪري گهڻو ٿو ڳالهائين، تنهنجو ڪم حڪم هلائڻ نہ حڪم مڃڻ آهي. ڇيم بال آڻي ڏي.
مون : موهن، سنڀالي ڳالهاءِ.
هن : ٻڌءِ ڪونہ. اجائي بڪواس نہ ڪر، رستي تان هٽي وڃ يا بال آڻي ڏي.
مون : مالڪڻ جو حڪم آهي. بال توهان کي نہ ملندو. توهان هرروز نقصان ڪريو ٿا.
هن : هٽ پري، مان آنٽيءَ سان پاڻهي ڳالهائيندس.

بـــال

کلاکار : ممي رامون
راڻي موهن
سندري سوني
گيتا لڇمي
نيتا ماسترياڻي

(ڪانچ ٽٽڻ جو آواز)

ممي : اڙي او رامون، ڇورا وري ڇا ڀڳئہ؟ ڪيترا دفعا چيو تي مانء، سنڀالي ڪم ڪر. گھر جا سڀ باسڻ ٽوڙي ڇڏيا اٿئي. پر تون آهين جو ٻڌين ئي ڪٿي ٿو.

رامون : (پريان) مالڪڻ، مون ڪجھہ بہ نہ ٽوڙيو آهي. ٻاهران ڪنهن دريءَ کي پٿر هنيو آهي. دريءَ جو ڪانچ ٽٽو آهي.

ممي : مان تہ هن پاڙي جي ٻارن مان تنگ اچي ويئي آهيان. سڄو ڏينهن گوڙ لڳائي وينا آهن. پيچ ڊاھہ لڳي پيئي آهي.

(در کڙڪائڻ جو آواز)

ممي : رامون، دروازو تہ کول، ڏس ڪير آهي؟

(دروازو کلڻ جو آواز)

موهن : رامون، اسان جو بال اندر آيو آهي، آڻي ڏي.

رامون : بال توهان کي ڪونہ ملندو.

موهن : ڇو نہ ملندو؟


رامون : توهان دريءَ جو ڪانچ ڀڳو آهي.

موهن : مون ٿورو ئي ڀڳو آهي، بال بئٽ تي لڳي اچي دريءَ کي لڳو، تون بال آڻي ڏي.

رامون : بال توکي ڪونہ ملندو.

وهن : آنٽي، مان نہ بئٽنگہ سونو ڪري رهيو آهي.
مي : اِهو سمورو تنهنجو ڪم آهي نہ ڏينهن ٿا ڏسو نہ رات، اِها ڏما ڇوڪڙي
ءِ ڪرڪيٽ راند لڳائي وينو آهين. اصل آرام ڪرڻ ئي نٿو ڏين.
ماريا، توکي بيو ڪم آهي ڪين نہ؟
وهن : ممي! اسين ڪرڪيٽ راند ڪري رهيا آهيون.
مي : هئڙيءَ گرميءَ ۾، ڏينهن تتي، ماسترن توهان کي ڇا سيکاريو آهي؟
بس رڳو رُلو ءِ پنو، گوڙ شور مچائي، رڙيون واڪا ڪري پاڙي وارن جو
آرام ڦٽايو.... پاڙي وارن کي تنگہ ڪريو.
وهن : آنٽي، وئڪيشن آهي. اسين راند ڪري وقت ڪاٽي رهيا آهيون.
مي : توهان جي راند تي ڪين پاڙي وارن لاءِ مصيبت.
وهن : آنٽي، بال ڏيو نہ....
مي : اسان توهان جا نوڪر تہ آهيون ڪونہ، جو گهڙيءَ گهڙيءَ بال ڪٽي
توکي ڏيون.
هن : آنٽي پليز.... راند ۾ دير ٿي رهي آهي.
ي : اڄ تہ توکي بال اصل ڪونہ ملندو. هڪ تہ تو اسان جو نقصان ڪيو
آهي. وري ويچاري رامون کي ماري رهيو هئين. تنهنجين شرارتن
مان هاڻي مان تنگہ ٿي پيئي آهيان. پيڇ هتان. رامون اِتان لڪڙي تہ
ڪٽي اچ - پيڇ هتان....
ن : پليز آنٽي، بال ڏيو نہ، راند ۾ دير....
ي : (اڌ ۾ ڪٽي) اڄ تہ مان توهان کي بال هرگز هرگز ڪونہ ڏيندس.
ي : (پريان کان) موهن، بال جلدي ڪٽي اچ.
ن : (زور سان) راڻي، آنٽي بال نٿي ڏئي.
: (پريان کان) هلو تہ آنٽيءَ کان بال وٺي اچون.
ل آواز : (پريان کان) هلو.... هلو....
: آنٽي بال ڏيو نہ.
آواز : (ويجهو) آنٽي.... آنٽي بال ڏيو نہ. اسان کي راند ۾ دير ٿي ٿئي.
: اوهہ، راڻي، گيتا، سندري، لڇمي، پنڪي توهين ڇوڪريون ٿي ڪري
ڇوڪرن سان ڪرڪيٽ راند ڪري رهيون آهيو.
: آنٽي، اسان ڇوڪرين بہ گڏجي ڪرڪيٽ ٽيم ٺاهي آهي. اڄ ڇوڪرن
ءِ اسان جي ٽيم ۾ ڪرڪيٽ چئاپيئني رکيل آهي. پليز آنٽي بال ڏيو

رامون	:	مان نہ ڏيندس ۽ پري بہ نہ هٽندس.
موهن	:	توکي بال ڏيڻو ئي پوندو.
رامون	:	پريان وچي راند چو نہ ٿا ڪريو، بار بار بال ڏيڻ جو اسان ٺيڪو ڪونہ کنيو آهي.
موهن	:	اِها اجائي بکواس بند ڪر.
رامون	:	اڙي، اڙي، تون مونکي مارين ٿو. هڪ چوري وري بہ سينازوري.... چڏ.... چڏ.... مونکي چڏ.... مان بہ توکي ڏسي وٺندس.... اڙي چڏ.... چڏ (ڪجھہ گوڙ)
ممي	:	(پريان) رامون اِهو گوڙ ڇا جو آهي؟
رامون	:	(پريان) مالڪڻ، موهن مونکي ماري رهيو آهي.
ممي	:	(ويجهو ايندي) ماريا موهن، رامونءَ کي ماريندي توکي شرم نٿو اچي. ڇا بگاڙيو آهي. هن بي گناهہ توهان جو؟
موهن	:	آنٽي! اسان جو بال ڪڍڻ نٿو ڏئي.
ممي	:	اوهہ، تہ دريءَ جو ڪانچ تو ڀڳو آهي.



: اسان توهان جي ان روز روز جي راند ۾ کٽ پٽ مان تنگ ٿي ويا آهيون. راند تہ ڪريو ٿا پر گڏوگڏ ڪيترو شور ٿا مچايو. اتوَ ڏيان تہ گهرن ۾ ڪي آرامي هوندا. ڪي وڏي عمر وارا آهن. ڪي بيمار آهن. اڄ مان توهان کي بال هرگز نہ ڏيندس ۾ ها، اِهو بہ ٻڌي ڇڏيو. راند ڪرڻ جو بہ هڪ وقت ٿيندو آهي. اسڪول ۾ ماستر نہ سيکاريو اٿوَ ڇا تہ راند وقت راند ڪجي، پڙهائيءَ وقت پڙهائي ۾ آرام وقت آرام.

: آنٽي هاڻي تہ وئڪيشن آهي. وئڪيشن معنيٰ آرام ۾ راند اسڪول کلن ٿا تہ سڄو وقت رڳو پڙهائي.... پڙهائي.... ٽيوشن.... هوم ورڪ ئي تہ ڪرڻو هوندو آهي.

: (سمجهائيندي) ٻارو، وئڪيشن، موڪلن جو اِهو مطلب ناهي تہ توهين اُنهن ۾ رُلو ۾ پنو، سڄو ڏينهن چرين جيان، ڇيڙا ٻڌجي رڳو پيا هتي-هُتي گهمو يا رڳو ٽي.وي.، ڪامپيوٽر، ويڊيو ويهي ڏسو. ڪجهہ اخبارون، مخزنون، ڪتاب، ڪارٽون وغيرہ پڙهي سنيون سنيون ڳالهيون بہ گرهڻ ڪريو.

: آنٽي، ڏسو نہ سڄو سال ڪتاب پڙهي پڙهي، هوم ورڪ ڪري-ڪري امتحان ڏيئي-ڏيئي بور ٿي پيا آهيون. مسين-مسين موڪلون مليون آهن، وئڪيشن معنيٰ آهي ٽينشن فري. موَج، مستي، آرام ۾ راند ئي راند.

: آنٽي بال ڏيو نہ....

: ڇيم بال نہ ملندو.

: توهين بال نہ ڏيندا تہ اسان جي راند اڌ ۾ رهجي ويندي. اسين اڄ ڇوڪرن کي ڏيکارڻ ٿيون چاهيون، تہ اسان بہ توهان کان ڪنهن ڳالهہ ۾ گهٽ نہ آهيون.

: آنٽي، اسين بہ ڏسڻ ٿا چاهيون تہ هنن ڇوڪرين ۾ ڪيترو دم آهي. پليز بال ڏيو نہ.

: مان بال ڏيئي وڏيڪ نقصان ڪونہ ڪرائيندس.

: آنٽي اسين توهان سان انجام ٿا ڪريو تہ بال وري توهان جي گهر ۾ نہ ايندو.

: اهڙا انجام، هن مئي موهن الائي گهڻا دفعا ڪيا آهن.

: آنٽي، هيءَ آخرين انجام-پرامس.



نہ. راند ۾ دير ٿي ٿئي. اڇا اسان کي [illegible] وارو لڳو آهي.

ممي : بال تہ هرگز کونہ ڏيندس.
توهان جي اِن بال اسان جو هرروز
آرام ڦٽايو آهي.
اڄ تہ توهان نقصان بہ ڪيو آهي.

لڇمي : آنٽي، سونوءَ زور سان بئٽ بال کي هنئين،
ان ۾ پلا اسان جو ڪهڙو ڏوهہ؟

ممي. : اگر توهين گهرن جي وچ ۾ راند نہ ڪريو، ڪنهن ميدان تي وڃي ڪريو تہ ڪنهن جو نقصان ٿئي ئي ڇو؟ وري سونوءَ کي بہ بار بار سمجهايو اٿم ڇوري ڏينهن ٽني جو گهر ۾ آرام ڪر، اُسن ۾ رُلڻ پنڻ نہ وڃ، پر هڏي ڪٿي ٿي.

سندري : آنٽي، سونو تہ اسان جي ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪئپٽن آهي.

ممي ؞ : ڪئپٽن آهي تہ ڇا هن کي لائسن مليو ويو آهي تہ اوڙي-پاڙي جو لحاظ نہ ڪري. وتو رڳو نقصان ڪندا.

راڻي : آنٽي، پاڙي ۾ اِهو ئي هڪ ميدان آهي، هاڻي توهين هڏايو تہ راند ڪريون تہ پلا هيو ڪٿي وڃي ڪريون؟

مي : توکي بال نہ ملندو ۽ تون راند بہ نہ ڪندين۔... هاڻي هل اندر.

ينا : (ڪجھہ شوخيءَ سان) آنٽي توهان کي بال ڏيڻو پوندو. سونو اندر گھر نہ ايندي، هوءَ اسان سان اڄ راند ڪندي.

ڏيل آواز : ها ها، سونو راند ڪندي.... توهان کي بال ڏيڻو ئي پوندو.... سونو راند ڪندي.... ڪندي....

مي : توهين مونکي ڌمڪايو ٿا. بال نہ ڏيندس.... ڏسان ٿي توهين ڇا ٿا ڪريو (سونوءَ کي) هل، تون اندر هل. مان هنن کي پاڙهي ڏسندس.

وهن : آنٽي اجايو ضد نہ ڪريو.... بال ڏيو.... بيڪار ۾ جهڳڙو ڇو ٿا ڪريو.

ڏيل آواز : سونو اندر نہ ويندي.... راند ڪندي.... سڏو سڏو بال ڏيو.... نہ تہ تہ....

سترياڻي : (پريان) ٻارو هيءُ گوڙ ڇا جو آهي؟

مي : (پريان) ٽيچر! هيڏانهن اچو.... ڏسو توهان جي ٻارن ڇا ڪيو آهي؟

سترياڻي : (ويجھو) ٻارن ڇا ڪيو آهي؟

ي : منهنجي گھر جي دريءَ جو ڪانچ ڀڃي ڇڏيو آهي. اڄ ڪانچ ڀڳو اٿن، سڀاڻي اسان جو مٿو ڀڃندا.

سترياڻي : موهن ڇا ڳالهہ آهي؟

هن : ٽيچر اسان ڪرڪيٽ راند ڪري رهيا هئاسين. سونءَ جو بال دريءَ سان لڳو ڪانچ ٽٽي پيو، بال اندر آهي، آنٽي بال نٿي ڏئي، اسان کي راند ڪرڻ نٿي ڏئي آهي.

ي : (چيڙائيندي) راند ڪرڻي آهي ٽيچر! هيءُ توهان جا ٻار هرروز تنگ ڪندا آهن، اوڙي پاڙي جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي اٿائون. ڇا توهان ٻارن کي اِهو سيکاريو آهي تہ شرارتون ڪيو، تنگ ڪريو، اجايو ضد ڪريو، وڏن جي عزت نہ ڪريو، وڏن جي سامهون پئو. وڏن سان جهڳڙو ڪريو.

آواز : ضد تہ توهين ڪري رهيا آهيو. اسان تہ پاڻ توهان کي بال ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي.

: ٽيچر، اڄ اسان پاڻ ۾ چٽاپيٽي رکي آهي، سونو اسان جي ڪئپٽن آهي.

: ٽيچر، ممي سونوءَ کي راند ڪرڻ لاءِ منع ڪري رهي آهي. وري اسان کي بال بہ نٿي ڏئي، اسان کي مئچ پوري ڪرڻي آهي.



سونو : ممي، بال ڏيو....

ممي : (چڙٻ ڏيندي) ڇوري، توکي گهر جو نقصان ڪندي شرم نٿو اچي؟

سونو : ممي مون ڄاڻي واڻي بال دريءَ کي تورئي هنيو، ڇڪو هڻڻ جي ڪوشش ڪيم ته بال وڃي دريءَ کي لڳو.

ممي : هڪ گهر جو نقصان ٿي ڪرين، مٿان وري پاڻ کي بيقصور ٿي چوين گهر ئي ڪري ته پر ڪي ڇا چئجي؟ توکي گهڻا دفعو چيو اٿم ته منجهند جو آرام ڪندي ڪر.

سونو : هرروز ته آرام ڪندي آهيان. اڄ ڇنڇر جي موڪل هئي.

ممي : (غصي ۾) مان ڪجهه به نه ڄاڻان. هل اندر هل.

موهن : آنٽي.... آنٽي بال ڏيو نه.

سونو : ممي بال ڏيو نه پليز.

ٿئي ٿو. تندرستي خراب ٿئي ٿي. ٻين جي آرام ۾ رُخنو پوي ٿو.

سونو : ٽيچر، توهين جيئن چوندا تيئن ڪنداسين. اسان کي هاڻي بال وٺي ڏيو.

ماسترياڻي : (سمجهائيندي) پيٽ، ٻارن سان اسان وڏن کي ٻه ٻار ٿيڻ نه گهرجي. هن ڀيري توهين هنن کي بال ڏيو ۽ معاف ڪريو. مان توهان کي وشواس ٿي ڏياريان ته اڄ کانپوءِ توهان کي ڪابه شڪايت نه ملندي ۽ نه ئي وري هي ٻار توهان کي ڪا تڪليف ڏيندا.

ممي : چئو ٿا ته، توهان جي جوابداريءَ تي مان هنن کي بال ڏيان ٿي. پر مونکي هنن شرارتين تي ڪوبه وشواس ڪونهي.

ماسترياڻي : ٻارو، توهان خود ڏٺو آهي ته ورڪ وائيل ورڪ، پلي وائيل پلي دئٽ از دي وي، ٿو بي هئپي.
راند وقت راند ڪجي، ڪم وقت ڪم ڪجي، ائين ڪرڻ سان خوشي ۽ آنند ملي ٿي.

سونو : ٽيچر، اسين سدائين اِن ڳالهه تي ڌيان رکنداسين.

ماسترياڻي : موڪلن ۾ صرف رانديون نه ڪبيون آهن يا صرف ٻاهر گهمڻ ڦرڻ ته وڃبو آهي. پر اِنهن ڳالهين کانسواءِ جيڪڏهن توهان جا ڪي شونق ناٽڪ، سنگيت ڪلا، چتر ڪلا، نرتيه وغيره آهن ته اُنهن شوُنقن جو اُپيوگ به وئڪيشن ۾ ڪري سگهجي ٿو. اگر ٻيو ڪجهه نه ته پاڙي-اوڙي جي صفائي ڪري گندگي دور ڪري سگهجي ٿي. غريبن جي ٻارن کي پاڙهي سگهجي ٿو. اڻپڙهيل وڏي عمر وارن کي پڙهائڻ به ثواب آهي. اِن سان جاهليت دور ٿئي ٿي. اِسپتال



ماسترياڻي : (سمجهائيندي) ٻارو، راند ڪرڻ گناهه ڪونهي. پر اُها راند کهڙي ڪم جي جيڪا ٻين کي دک پهچائي، ڪنهن جو نقصان ڪري.

موهن : اسان جاڻي واڻي نقصان ٿورو ئي ڪيو آهي.

لڇمي : ٽيچر، بال وٺي ڏيو نه، اسان کي دير ٿي ٿئي.

ماسترياڻي : پيڻ، ٻارن توهان جو نقصان ڪيو آهي، اُن لاءِ مان توهان کان معافي ٿي وٺان، توهين هنن کي بال ڏيو.

ممي : اوهه، ته ڇئبو توهان ئي هنن کي مٿي تي کنيو آهي، توهان هنن کي بال ڏيئي مٿي تي چاڙهيو ٿا، هُشي ٿا ڏيو هُشي، مان نه ڏيندس.

گڏيل آواز : اسان کي بال گهرجي، بال گهرجي.

ماسترياڻي : ٻارو، شانت.... شانت.... ڪيپ ڪوائيٽ.

گڏيل آواز : اسان کي بال گهرجي.... بال گهرجي....

ماسترياڻي : ٻارو شانت ڪريو.... توهان کي....

گڏيل آواز : آنٽي مڙده‌باد.... مڙده‌باد.... سونو زنده‌باد.... موهن زنده‌باد.... آنٽي....

ممي : (زور سان) بڪواس بند ڪريو. ٽيچر، توهان پنهنجن شاگردن کي اِهو سيکاريو آهي ته هاءِ هاءِ ڪريو.... مڙده‌باد جا نعرا هڻو.

ماسترياڻي : ٻارو، شانت، شانت.... توهان کي شرم اچڻ گهرجي.

لڇمي : اسان کي بال گهرجي.

راڻي : اسان کي سونو گهرجي.

ماسترياڻي : پهرين توهين شانت ڪريو. توهان کي بال به ملندو ۽ سونو به، پر هڪ شرط آهي.

موهن : کهڙو شرط آهي ٽيچر.

ماسترياڻي : پهرين توهان کي ممي ءَ کان معافي وٺڻي پوندي. ٻيو....


گڏيل آواز : ممي اسان کي معاف ڪريو.... اسين توهان جا ٻار آهيون....

ماسترياڻي : توهان کي اِهو به انجام ڪرڻو پوندو ته وري توهين هتي راند نه ڪندا. سامهون جيڪو آزاد ميدان آهي اُتي وڃي راند ڪندا.

گڏيل آواز : اسين انجام ٿا ڪريون.

ماسترياڻي : گڊ چائيلڊس.... ۽ ها هڪ ٻي به ڳالهه ٻڌي ڇڏيو. راند روند ڪرڻ جو به هڪ وقت هوندو آهي. راند اڪثر صبح يا شام ٽڪار ۾ ڪبي آهي کليل ميدان ۾ ڪبي آهي. غلط هنڌ ۽ وقت تي راند ڪرڻ سان نقصان

مُڇرُ مامو



ڪلاڪار: رينو اشوڪ
نيرو مامو
ماءُ گورڌن

ينو : نيرو، او نيرو، ہڏين تي هيڏانهن اچ.
يرو : اجهو آيس!
ينو : هٽ منهن ڌوتئہ يا نہ؟
يرو : ديدي ڌوئي رهي آهيان.
ينو : جلدي اچ تہ مان تنهنجا وار سنواريان، مونکي پيا بہ ڪم آهن.
يرو : اچان ٿي ديدي.
ينو : اڙي هي ڇا، اجا پيئي منهن اگهين، فراڪ بہ ڍنگ سان نہ پاتو اٿئي، هيڏانهن اچ تہ مان ٺيڪ ڪريانءِ.
رو : ديدي، اجا ماما ڪونہ آيا آهن.
نو : بس ايندا ئي هوندا. گاڏي اسٽيشن تي پهچي ويئي هوندي.
رو : ديدي اچ بہ چوٽيون ڪجوءِ ربن ٻڌجو. ماما کي بہ چوٽيون ڏاڍيون وڻنديون آهن.
نو : ها ها ٺاهيان ٿي. پر هيءَ ڇا ٿي ڪرين، سڌي تہ ويهہ.
وڪ : ديدي، نيرو منهنجو ٽوال کڻي هلي آئي آهي. مان ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پيو آهيان. جلدي ڏي.
و : ديدي، ديدي ڏسو نہ هيءُ مونکان ڪيئن نہ ٽوال کسي رهيو آهي.
ڪ : پوءِ تون منهنجو ٽوال کڻي ڇو ٿي؟ توکي پنهنجو بہ تہ آهي.
ي : ٻئي جو ٽوال کڻڻ ۽ واپرائڻ نيڪ نہ آهي.
و : ديدي، منهنجو ٽوال ميرو هو.

۾ وچي مريضن جي شيوا ٽهل بہ ڪري سگهجي ٿي. ائين ڪرڻ سان نہ صرف توهان سٺا ناگرڪ بڻبا، پر پنهنجي شخصيت جو وڪاس بہ ڪري سگهندا ۽ سڀني جا لاڏلا بڻجي، جتي ڪٿي عزت مان پائيندا.

ممي : ٽيچر، پيڻ وٺو هي بال.

ماسترياڻي : وٺو هي بال.... وڃو وڃي راند ڪريو.... پر منهنجي ڳالهہ ڌيان ۾ رکجو....


موهن : هل سونو.

سونو : ممي وڃان.

ممي : ها پٽ ڀل وڃ.... پر جلدي موٽي اچج.

ڳڏيل آواز : هپ هپ هري.... ممي، ٽيچر هپ هپ هري.... (آواز گهٽجندو وڃي ٿو).

(سنگيت)



✻ ✻ ✻



ڪ : تنگ تہ هيءَ تڏ جيتري نيرو ڪندي آهي، مان تہ ڏاڍو ڏاهو آهيان.

: تون بہ گهڻ شرارتي ڪونهين پر ماما کي پريشان نہ ڪج. هو هاڻي وڏي عمر جو ٿي ويو آهي. هاڻي اڳي جهڙو سگهارو بہ نہ آهي. بيمار بہ رهي ٿو. توهان هن جو خيال رکجو.

ڪ : ممي، اسان اِن ڳالھ جو پورو پورو ڌيان رکنداسين.

: مان ماما کي تنگ ڪونہ ڪندس. پر گهڻيون ڳالهيون هن سان ڪندس.

(ڪار بيهڻ جو آواز)

: ڪار اچي ويئي، ماما اچي ويا.

: لڳي ٿو پهچي ويا آهن. ٻارو وري بہ ٻڌي ڇڏيو ڪابہ شيطاني نہ ڪجو نہ تہ....

: ڪيئن آهين ڌيءُ پتلي، ٻار ڪٿي آهن؟

: هتي ئي آهن. اڙي پر توهان اڪيلا. هيءُ توهان کي اسٽيشن تي وٺڻ آيا هئا.

: (ٻارن کي) اچو.... اچو.... هيڏانهن اچو.... ايترو پري ڇو بيهي رهيا آهيو؟ پنهنجي مامي کي ڪونہ سڃاتوَ ڇا؟

: (اڳيان اچي) ماما، نمستي.

ديدي : ٻيو ڪجهه مان ڪٿين ها. هن اشوڪ جي ته توکي خبر آهي. هن جي ڪنهن به شيءِ کي اگر ڪو هٿ لڳائيندو آهي ته سڄو گهر مٿي تي کڻندو آهي. هاڻي ڏينس اِهو ٽوال.

اشوڪ : اِهو ڦاٽوڻو به ڏي، سڄو ڏينهن پيئي رڳو وار سنواري. ماما اچڻ وارو هوندو، مونکي به وار سنوارڻا آهن.

نيرو : اڙي، اڙي، ڦاٽوڻو کسين ڇو ٿو، منٿ ترس.

اشوڪ : نه ترسندس....

نيرو : ديدي، اشوڪ کي سمجهايو نه....

رينو : هئي بي‌صبر ڇو ٿا ٿيو، اشوڪ تون ئي ڪٿي ڪجهه صبر ڪر، نه ته اندران ڪمري مان ٻيو ڪڍي اچ.

اشوڪ : ٺيڪ آهي ديدي، مان ئي مڙان ٿو. ماما ڇوندو آهي جيڪو مڙيو سو جڙيو. پر ديدي توهان اِهو ته ٻڌايو ڪونه ته اسان جو ماموآهي ڪين مميءَ جو؟

رينو : مميءَ جو ماموآهي.

اشوڪ : هوُ جڏهن اسان جو مامو نه آهي ته پوءِ اسين اُن کي ماماجي ڇو ٿا چئون؟

نيرو : اڙي، چريا، مميءَ جو مامو، اسان جو به مامو ٿيو، وڏو مامو.... ماماجي ڏاڍا مزيدار اٿئي.

اشوڪ : ها ها، ياد ٿو اچي، اُهو ئي مامو نه جنهن کي وڏيون-وڏيون ڪاريون-ڪاريون مڇون هيون ۽ اسان کي سٺيون سٺيون ڳالهيون پئي ٻڌايائين.

نيرو : ها، اُهو ئي مامو.... آکاڻيون به ٻڌائيندو آهي ۽ کلائيندو به ڏاڍو آهي. موُجي، مسترام آهي ماما.

اشوڪ : ته خوب مزو ايندو.

نيرو : ها تون به ته ڳالهين جو ڳوٽ آهين. سدائين پيو بڪ بڪ ڪندو آهين، بڪبڪي ڪمي.

اشوڪ : ڏس ٺيڪ نه ٿيندءِ. گهڻ ڳالهائي ته تون آهين رڳو پيئي اجائي بڪواس ڪندي آهين. مان ته ماما کان سٺيون سٺيون آکاڻيون ٻڌندس.

نيرو : هوُ توکي نه، مونکي ٻڌائيندو تون ته هن کي چريو لڳندو آهين.

رينو : ٺيڪ آهي. ماما کي اچڻ ته ڏيو، هاڻي ئي پاڻ ۾ وڙهندا ته پوءِ ڇا ڪندا. ماما کي وڙهڻ اصل نه وڻندو آهي. توهين هئي گڏجي هن کان آکاڻيون، چرچا ٻڌجو ۽ ٻڌي ٿڪ ڏجو. پروليون پڇي پتاشا کائجو.

ماءُ : نه بلڪل نه، هئي ٻڌي چڙيو. ماما کي اصل تنگ نه ڪجو.

ٿي ويئي هيس هاڻي ته بلڪل ٺيڪ آهيان.

: ڇو گورڌن ڏسڻ ۾ نٿو اَچي؟ آهي ڪٿي؟ ٺيڪ ته آهي نه؟

: (عجب ۾) هي ته توهان کي اسٽيشن تي وٺڻ ويا آهن.

: مونکي وٺڻ، مان ڪو ٻار آهيان ڇا؟ ڇا مونکي اسٽيشن کان گهر جو رستو خبر نه آهي.

: نه اَسان سوچيو ته توهان کي اَچڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿئي ڇا هوُ توهان کي اسٽيشن تي ڪونه گڏيا؟

: نه، .... پر پلا هوُ ملندو به ڪيئن؟

: ڇو دادا؟

: گاڏي اڄ اَڌ ڪلاڪ سويل پهتي. مون ته اسٽيشن تان ٻاهر نڪري ٽئڪسي ڪئي ۽ سڌو گهر پهچي ويس. خير! گورڌن اسٽيشن تي پهتو هوندو ۽ گاڏي اچڻ جي ڄاڻ ملندس ته موٽي ايندو.

: (اوچتو ئي) اڙي دادا توهان اَجا بيٺا آهيون. وهو ته سهين اَشوڪ، وڃ ماموءَ لاءِ هتي ئي ڪرسي کڻي اچ.

: اِجهو ٿو کڻي اَچان.

: ڇڏ، ڇڏ ڪرسيءَ جي ضرورت ڪونهي.

: ونو هيءَ ڪرسي هتي ٿڌي ڇانو ۾ وهو.

: رينو تون ماما سان ويهه ته مان ڪجهه کائڻ لاءِ کڻي ٿي اَچان ۽ نيرو تون وڃ ماما لاءِ ٿڌو پاڻي کڻي اچ.

: چڱو ممي.

: اشوڪ هيءَ اڄ جي اخبار آهي.

: ها ماما، توهان آرام سان وهو ته مان توهان کي پڙهي ٿو ٻڌايان.

: اخبار مونکي ڏي ته مان پاڻهي ٿو پڙهان، ڇا. مونکي اخبار پڙهڻ نه ايندي آهي.

: نه ماما مون سمجهيو ته توهان جي نظر گهٽجي ويئي هوندي ۽ توهان مٿان پڙهي نه سگهو.

: (کلندي) تون ڇئين ڇا پيو؟ اشوڪ مان اجا ايترو پوڙهو ڪونه ٿيو آهيان. منهنجون اکيون توهان ٻارن جي اکين کان گهڻيون تيز آهن. مونکي پڙهڻ ۾ ڪائي تڪليف نه ٿيندي آهي. هيڏانهن ڪر، ڏي اِها اخبار.

: هان وٺو.

ماما : نمستي ٻارو، توهين تہ وڏا ٿي ويا آهيو. اشوڪ تون تہ ڏسڻ-ڏسڻ ۾ ڪيڏو ڪجھ
جو وڻ ٿو لڳين.

اشوڪ : ماما، اِها بئگ مونکي ڏيو، توهين وهو، تڪجي پيا هوندا.

ماما : تون چوين ٿو تہ وٺ. پر اِها ايتري ڳوري ڪونهي، جيتري تون سمجهين
ٿو. هلڪي آهي.

اشوڪ : ڏيو. (ڪِرڻ جو آواز)

ماما : بئگ وٺڻ سان ئي ڪري پئين.

اشوڪ : ماما، پير ترڪي پيو.

ماما : چو ٿو شرم پرچائين (کل) ڪيئن بئگ هلڪي آهي نہ! پائي ايتري هلڪي
وزن ۾ ئي ترڪندين تہ زندگيءَ پر ترڪندو رهندين. سنڀالي هل.... ها
تنهنجو نالو تہ اشوڪ آهي نہ؟ توکي تہ اجا گهڻا بار کڻڻا آهن. جوابداريون
نڀائڻيون آهن.

اشوڪ : ها، ماما.

مامو : رينو، تون بہ وڏي ٿي ويئي آهين. پڙهائيءَ سان گڏ رڌ پچاءُ، سلائي
پرت ڪجھ سکي آهين ڪين نہ؟ ڪين پڙهائيءَ مان فرصت ئي نہ ٿي
مليئي.

رينو : (فخر سان) ماما، مان ڪلاس ۾ فرسٽ نمبر ايندي آهيان ۽ وري سڀ
ڪجھ ڄاڻڻ ايندو آهي سلائي بہ سکڻ ويندي آهيان. بيوٽي پارلر ب
سکندي آهيان.

مامو : شاباس پٽ، پلا اِهو تہ ٻڌاءِ تہ ڪيرٽيءَ ۾ ڪند وجهندي آهين يا لوڻ؟

رينو : مان ايتري ٻڌوُ ٿوريئي آهيان مونکي خبر آهي تہ ڪيرٽيءَ ۾ تہ ڪند
پوندي آهي.

مامو : اَڄا تہ هيءَ ننڍڙي نيرو تہ پڪ ئي پڪ لوڻ وجهي کائيندي هوندي.

اشوڪ : هيءَ نيرو منهنجي ۽ ديدي جي چغلي کائيندي رهندي آهي. هن ک
تہ ڪاڏي جي ضرورت ئي نہ پوندي آهي.

مامو : پوءِ تہ سٺو ئي آهي اَڄ جي زماني ۾ ٿوري گهڻي بچت ڪرڻ گهرج
ڪيئن ڏيءُ پتلي تون بہ تہ هاڻي اناج جي بچت پئي ڪرين نہ، چ
کائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو اٿئي ڇا؟ سڪل سُڪڙي لڪڙي ٻڻجي ويئ
آهين.

ماءُ : نہ ماما اهڙي ڪا ڳالھ ڪونهي. هفتو کن اڳ ۾ بخار هو. اُن ۾ ئي ڪمز

يرو : اڪيلي سر.

ار : نه، نه مامو توهان کي ڪجھه لڳي نه وڃيوَ.

امو : توهان ڏسو سڀ.

سپ : بس، بس ڪري نه پوي.

امو : ڏنوَ آهيان نه مان مضبوط. توهان کي به ائين مضبوط ٿيڻ گهرجي، منهنجي عمر تائين پهچندي توهان ته هلي به نه سگهندا.

ار : ماما توهان ڇا ڪندا آهيو؟

امو : بس هرروز آڪاڙي ۾ وڃي ڪري ڪسرت ڪندو آهيان ۽ هر ڪم ڪرڻ جي پاڻ ڪوشش ڪندو آهيان. توهان ڪسرت ڪندا آهيو.

يرو : ماما هيءَ اشوڪ ته ايڏو سست آهي جو ننڊ مان ئي ڏهين بجي اُٿندو آهي.

شوڪ : ماما هيءَ نيرو به دير تائين سمهي پيئي هوندي آهي. جيستائين هن جي منهن تي پاڻي نه هاريندا آهيون.... ته هيءَ اُٿندي ئي نه آهي.

يرو : ماما، اشوڪ ڪوڙ ٿو ڳالهائي.

امو : ٻارو سوير اُٿڻ سان سرير ۾ ڦڙتي ايندي آهي ۽ سرير تندرست رهندو آهي.

ورڏن : اڙي توهان هتي پهچي ويا. مان ته توهان کي اسٽيشن تي ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پيس.

مو : ڇو توکي گاڏي سويل اچڻ جي خبر نه ملي ڇا؟

رڏن : خبر ته ملي پر وشواس نه پيو آيو جو اِها گاڏي هميشھ ليٽ ايندي آهي.

مو : اڄ مون جو پير رکيو ته پلا گاڏي ليٽ ڪيئن ٿيندي.

رڏن : ٻاروتوهان هتي سڀ ڇا پيا ڪريو. وڃو وڃي اندر وهو. ماما سفر ڪري آيو آهي ٿڪجي پيو هوندو، ڪيس آرام ڪرڻ ڏيو.

مو : مان ٿڪجڻ وارن مان ڪونه آهيان. هونءَ به گاڏيءَ ۾ کھڙا ڦاڙها مارٽا هوندا آهن. ها ته ٻارو سپاٽي کان وٺي توهان مون سان گڏ سويل اُٿندا نه.... ۽ ڊوڙڻ به هلندا؟

ڏن : هن عمر ۾ توهين ٻارن سان گڏ ڊوڙ پڄائيندا.

و : اڙي تون به مونکي ٻڍو پيو سمجهين، عمر وڏي آهي ته ڇا ٿي پيو، سرير سگهارو آهي، ڪيئن ٻارو سپاٽي کان وٺي توهان به ڪسرت ڪندا نه.

نيرو : ڊيڊي، ممي ۽ چيو آهي تہ ٿورو ميوو ڪٽي ماما کي ڏي مان صوف تي
ڪٽي اَچان ۽ اکروٽ بہ ڀڃين ڏي.

رينو : ٺيڪ آهي. مونکي ڪٽي ڏي، هان وٺو ماما هيءُ صوف، توهان چئو تہ ان
کان بہ ننڍا ننڍا ٽڪر ڪريان جيئن کائڻ ۾ تڪليف نہ ٿيوَ.

مامو : ڀائي ايترا ننڍڙا ٽڪر ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي منهنجي لاءِ اِهي
ٺيڪ آهن.

رينو : پر ماما، هيءَ وڏا وڏا ٽڪر چٻاڙڻ ۾ اوهان کي تڪليف ٿيندي.

مامو : تڪليف! تڪليف ڇا جي تڪليف، منهنجا سڀ ڏند سالم آهن.

رينو : وڏي عمر جي ڪري متان توهان جي ڏندن جي طاقت گهٽجي ويئي
هجي.

مامو : توهان مونکي ٻڍو پيا سمجهو؟ ڏسڻو اَتوَ منهنجي ڏندن جو ڪمال. ڏي
اِهي بہ چار اکروٽ.

(اکروٽ ٽٽڻ جو آواز)

نيرو : (ڌيري آواز ۾) ڏس تہ اشوڪ ماما ڪيئن سڀ اکروٽ ڏندن سان ٽوڙي ورتا

اشوڪ : مان تہ ٽوڙي ئي نہ سگهندو آهيان.

مامو : ٻڌايو تہ توهان ٽنهي مان ڪنهن جا ڏند وڌيڪ مضبوط آهن. مان ٻڍ
ضرور ٿي ويو آهيان، پر منهنجا سڀ حواس، اِندريون ٺيڪ آهن چئو ت
ثابت ڪري ڏيکاريان.

ماءُ : ڇو ڇا ٿيو! وري توهان ماما کي تنگ پيا ڪيو هلو پنهنجي ڪمري ۾
دادا هان وٺو توهان شربت پيئو.

مامو : نيرو، اشوڪ توهان هتي ويهي رهو. مان تنگ ڪونہ ٿيو آهيان. ها تہ ٻار
توهان کي شڪ آهي نہ. چئو تہ مان هن ڪبٽ کي اڪيلي سر ريڙهي
ڏيکاريان.

نيرو : اڪيلي سر.

اشوڪ : پر مامو اِهو تہ ڏاڍو ڳؤرو آهي. اڳي دفعي جڏهن اسان رنگ هٽايو هو ت
هن کي ۴-۴ مزورن سيريو هو، توهان اڪيلا ڪيئن ريڙهي سگهندا؟

مامو : ڏس تہ مان توکي اِجهو ٿو سيري ڏيکاريان. (ڪبٽ سرڪڻ جو آواز)
ڏٺئہ تہ مان ڪيترو ٻڍو آهيان. مان بہ جڏهن ننڍو هوندو هئس تڏهن
ائين سمجهندو هئس ۽ ڏيري-ڌيري ڪوشش ڪندو رهيس. هينئر چئ
تہ توهان کي مٽي ڪٽي ڏيکاريان.



ڪلاڪار

١- ڏاهري	حڪيم
٢- شڪاري	چور-هڪ
٣- چور-ٻه	ٻڏرمل
٤- شامون‌مل	مڪي
٥- آهنر	ڄاڃي
٦- ٻڍي	ڇوڪري

درشيه پهريون :

— ڏاهريءَ جو گهر —

ي : (خود سان) الا ڙي، اما ڙي، مري ويس ڙي!! پيٽ ۾ ڏاڍو سور ٿو
پوي.... آ.... آ.... وڪڙ ٻه پون ٿا.... او.... آ.... آ.... ڇا

ٻار : ها ماما، اسان سڀئي گڏجي ڪسرت ڪنداسين.

نيرو : ها ها، ماما مان تہ توهان سان ضرور ڊڪڻ هلندس.

گورڌن : پٽلي، ماما کي چانهہ ٻانهہ پيئاري اٿئي ڪين نہ.

مامو : مان چانهہ نہ پيئندو آهيان مان تہ کير ئي پيئندو آهيان. ٻڌو تہ اتوَ نہ،

جو کير پيئي سو وير ٿئي،

ڏند زور وٺن ڏاڍا سهٽا لڳن، اکين جوت وڌي

نيرو : ماما، اهو بيت تہ مونکي ايندو آهي.

ڏاڍي سونهن وڌي، پري زور بدن، لڳ چست ٿين،

کير صفا مٺو، واهہ! واهہ ڏاڍو مٺو،

ٻارو اچو پيئون پري کير وٺيون،

ڏي کير اَمان، پي پڙهڻ وڃان.

مامو : واهہ واهہ چا ڳالهہ آ.

گورڌن : ٻارو هاڻي وڃو ۽ وڃي پڙهو.

ماءُ : دادا، توهان ٿورو آرام ڪري وٺو.

گورڌن : ها، هلو اندر..... ٻارو وڃو وڃي هوم ورڪ ڪريو.

مامو : نہ تہ ماستر مارينداوَ.... وڃو شام جو ڳالهيون ڪنداسين پر ياد رکجو،

منهنجيون ڳالهيون.

ٻار : ها ماما، ياد رکنداسين.

(سنگيت)

* * *



كيم : (استول تي وهاريندي) چئہ.... پيٽ ۾ ڇا ٿو ٿئيہ؟

ري : ڏاڍو سوُر آهي.... سوُر جا ڌهل ٿا وڄن.... وکڙ ٿا پون.... مري ويس ڙي، ساهہ ٿو منجهي.

يم : ڪيڏي مهل سوُر ٿيو اٿئي؟

ري : رات کان وٺي.

يم : رات کان سوُر اٿئي ۽ مون وٽ هاڻي آيو آهين؟

ري : گهرو علاج ڪيم.... ڦودني ٽڪي کاڌم.... پپرمينٽ پيتم..؟. عرق پيتم..... سوڇيم لهي ويندو.... پر پاڻ.... سوُر وڌي ويو.

يم : چوندا ڪونہ آهن نيم حڪيم خطري جان.

ري : توهين سچ ٿا چئو.... پر منهنجو سوُر.... الا ڇا ٿيندو؟

يم : (ڇيٽي وڃائي) چٽڪيءَ ۾ گم ٿي ويندو. پهرين ٻڌاء رات ڇا کاڌو هئئہ؟

ي : ياد ڪونهي.... ها ياد آيو.... ڪجهہ تہ کاڌو هئم.... ڇا کاڌو هئم.... اهو ياد ڪونهي.

ڪريان؟.... الا ڙي.... بابا ڙي.... سڀ ڦڪيون ورتيون اٿم.... پيپرمينٽ پيتو اٿم.... اڙي ڦودني جي ٽڪي به ڪاڌي اٿم.... پر سڀ بيڪار.... ڪجهه به فائدو ڪونهي.... ابا.... امان.... سُور وڌندو پيو وڃي. هاڻي ڇا ڪريان.... ڇا ڪانوان.... امان چوندي هئي وڏي فوٽي سان سُور لهي ويندو آهي.... پر اُهو به ته گهر ۾ نه آهي.... اهڙو ڇا ڪاڌم جو پيٽ سُور مليو.... الا.... ابا.... مري ويس.... ڇا ڪريان.... ڪاڏي وڃان؟.... ها.... حڪيم وٽ ٿو وڃان.... هو ضرور ڪجهه ڪندو.... ها حڪيم.... حڪيم.... حڪيم.... (سنگيت).

درشيه پيون :

— حڪيم جو دواخانو —

ڏاهري : الا!.... او.... آ.... مري ويس ڙي.... حڪيم صاحب.... ڏاڍو پيٽ ۾ سُور آهي. ابا.... اما.... حڪيم صاحب مونکي بچايو.... مونکي بچايو.... نه ته مان صفا مري ويندس.



سوڙ نہ پوي.

ڪيم : ڪچٽي ڪانہ.... پنڙي ڪچٽي.... ڪچٽيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ ڪانہ.

ري : سائين.... سائي دال پئي ڪچٽي نہ....

ڪيم : ها، اُها ئي ڪچٽي....

ري : سائي دال پئي ڪچٽي.... ها. ڪچٽي.... ياد رکندس.... ڪچٽي.... ڪچٽي....

(ڪچٽي.... ڪچٽي چوندو گھر طرف وڃي ٿو.) (سنگيت)

درشيہ ٽيون :

— رستي جو نظارو —

ري : (هلندي هلندي) ڪچٽي.... ڪچٽي.... ڪچٽي.... (رستي تي وڏي پٿر تان ٿاٻو کائي ٿو) ڪ...چ...ٽي. اڙي هڏ گڏ ئي ڀڄي پيا.... (اُٿندي) ها.... حڪيم صاحب ڪائڻ لاءِ ڇا چيو هو- ها.... ڪ...ڪڏي... نہ....اُڏٽي....نہ.... اُڏچٽي.... ها.... اُڏچٽي.... ئي ڪاٽي.... اُڏچٽي.... اُڏچٽي. (سنگيت)

درشيہ چوٿون :

— هڪ شڪاري شڪار ڪندي —

ي : (شڪاريءَ اڳيان لنگھندي) اُڏچٽي.... اُڏچٽي....اُڏچٽي....

ري : (ڏاهريءَ کي ڏسندي چڙڪ ڀري) اڙي! هي مورک....تون هي ڇا ٿو بڪين.... اُڏچٽي.... (پاڻ سان) هيءُ تہ منهنجي لنڪا کي اُڏائڻ ٿو چاهي.... شڪار اُڏامي ويندو تہ مان بکہ مري ويندس. (غصي ۾) او ڏاهري.... هيڏانهن اچ. (چوندي- چوندي) اُڏچٽي....





حڪيم : ٺيڪ آهي ياد ڪري وٺ.... ها تہ ٻڌاءِ پلا ڪاڪوس گهڻا دفعا ويو آهين؟

ڏاهري : ويو آهيان؟.... ها ويو تہ آهيان. پر اهو ياد ڪونهي تہ گهڻا ڀيرا....

حڪيم : اهو بہ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪر....

ڏاهري : سڀ ياد ڪندس.... پر ڀهرين منهنجو هيءُ پيٽ سور.... الا.... اما.... ابا....

حڪيم : تون چنتا نہ ڪر. ڦٿاڦٽ پڇي ويندو. دوا اندر....

ڏاهري : دم ٻاهر....

حڪيم : چريا! دوا اندر سور ٻاهر.

ڏاهري : حڪيم صاحب! ڪجهہ بہ ڪريو.... ماريو يا جيئاريو هي سور.... جلدي ڪريو.

حڪيم : (دوا جو ڊوز ڏيندي) هان، هيءُ هڪ ئي ساهيءَ ۾ پي وڃ.

ڏاهري : (پيئندي) اڙي.... هيءَ تہ ڏاڍي ڪوڙي آهي.... جهڙي زهر....

حڪيم : شاباس جلدي پيءُ.... اهو زهر ئي تنهنجي راڪاسي سور کي پڃائيندو....

ڏاهري : پڪ پڃائيندو؟

حڪيم : بلڪل پڪ.... دواءَ حڪيم ۾ وشواس رک.

ڏاهري : سائين.... اجهو ٿو هڪ ڍُڪ ۾ پي وڃان.... ڏاڍي ڪوڙي دوا آهي نہ.... توهين ڪنڊ تيار رکو. (دوا پيئي ٿو)

حڪيم : شاباس. هان هيءُ پڙيون وٺ.... هن ۾ ڪجهہ ڪک اٿيئي. ٽي دفعا پاڻيءَ سان وٺج. ڇهين ڇهين ڪلاڪين ڪانپوءِ....

ڏاهري : (اوٻرائي ڏيندي) ها.... هاڻي ڪجهہ آٿت مليو.... حڪيم صاحب توهين جيئن چوندا تيئن ڪندس.

حڪيم : هيءُ پڙيون وقت سر ياد ڪري وٺج.

ڏاهري : ضرور.... پر حڪيم صاحب ڪاڏي ۾ ڇا ڪانوان؟ جو جيئن ور

پار نہ مرندا.... مان هن کي ماريندس....

چور هڪ : (ڏاهريءَ کي سڏ ڪندي) او مورکن جا بادشاهہ.... هيڏانهن تہ اچ....

چور ٻہ : (ماريندي) نالائق.... سوئر.... گڏهہ.... تون هي ڇا بڪي رهيو آهين؟.... هان.... تون اسان کي مال سوڌو ڦاسائڻ ٿو چاهين.... تون اسان کي جيل ٿو موڪلڻ چاهين....

ڏاهري : اڙي!.... اڙي تون مونکي مارين ڇو ٿو.... مون ڇا ڪيو آهي؟....

چور هڪ : تون اها ڦاس ڇٽيءَ جي رت ڇا جي لڳائي آهي.... هان....

ڏاهري : اڙي! تون مونکي مار نہ.... اها ڦاس ڇٽي.... گهر.... حڪيم.... ڪاٺي آهي....

چور ٻہ : مار ڪائيندي تہ اهو سڀ وسري ويندءِ.... ڦاس‌ڇٽي.... تون مونکي ڇا ڦاسائيندي، مان توکي ماري، تنهنجا هڏ گڏ پڇي ڇڏيندس....

ڏاهري : ابا.... مون توبهہ ڪئي.... ڪن پڪڙي گيسي ڪئي.... مان تہ ڇا منهنجون ست پيڙهيون بہ نہ چونديون ڦاس....ڇٽي.... تون مونکي مار نہ.... ٻڌاءِ ڇا چوڻو آهي.... جيڪو چوندي اُهو ئي چوندس....

چور هڪ : هاڻي چئہ ''هڪ لاهي ٻي ڪٽي چن''.... ''هڪ لاهي ٻي ڪٽي چن''....

ڏاهري : (چوندي) هڪ لاهي ٻي ڪٽي چن.... هڪ لاهي ٻي ڪٽي چن....

چور : ها بلڪل برابر.... هاڻي پڇ هتان....(سنگيت)

درشيہ ڇهون :

— روئڻ پٽڻ جو آواز-ڪائي ڪٽي وڃڻ جو نظارو —

آواز : رام رام سنگ هئہ....

ٻيو آواز : هري رام سنگ هئہ....

آواز : گرو بابا سنگ هئہ....

ٻيو آواز : واهگرو سنگ هئہ....

ڏاهري : (ڪائيءَ جي پاسي پر لنگهندي) هڪ لاهي ٻي ڪٽي چن.... هڪ لاهي ٻي ڪٽي چن....

ڪرمل : اڙي هي ڇا بڪي رهيو آهي؟

سون‌مل : چوي ٿو هڪ لاهي ٻي ڪٽي چن.

ڪرمل : هن نالائق کي اِها خبر نہ آهي ڇا تہ هيءُ زميندار جي پٽ جو سر آهي.

اُڏچٽي.... اُڏچٽي....

شڪاري : اڙي بيوقوف.... اهو تون ڇا بڪي رهيو آهين؟.... تون منهنجي
ڪيل محنت تي پاڻي ڦيري رهيو آهين. تون منهنجو شڪار اُڏائڻ
ٿو چاهين.... (ماريندي) توکي شرم نٿو اچي.... تون مونکي بک ۾
مارڻ چاهين....

ڏاهري : اُڏ....چٽي.... اُڏچٽي.... مونکي گهر وڃي اُڏچٽي کائڻي آهي....
(شڪاري ڏاهريءَ کي ماري ٿو.) اڙي.... اڙي.... تون مونکي ماري
ڇو ٿو؟

شڪاري : تون اُڏچٽي چئي.... منهنجي جار ۾ ڦاٿل پکي اُڏائڻ ٿو چاهين؟

ڏاهري : مان ڇا ڄاڻان تنهنجي شڪار مان.... مونکي حڪيم چيو آهي....
پيٽ سور لاهڻ لاءِ اُڏچٽي کائج.... متان اهو وسري نه وڃي اُن ڪري
ياد ڪري رهيو آهيان، اُڏچٽي.

شڪاري : (پاڻ سان) گڏهه ٿو لڳي. اڙي بيوقوف.... اها اُڏچٽيءَ جي رٽ ڇ
لڳائي اٿيئي.... چئه ”ڦاس چٽي“.... ڦاس چٽي اُن ۾ تنهنجو
ڀلو ۽ منهنجو به.... چئه ڦاس چٽي....

ڏاهري : ڦاس چٽي.... ڦاس چٽي....

شڪاري : شاباس.... تون هاڻي گهر وڃ.... ۽ جيڪو ڪجهه حڪيم چيو اٿئ
اُهو ڪج.... ها پر ڦاس چٽي چوڻ نه وسارج....

ڏاهري : (ويندي ويندي) ڦاس چٽي.... ڦاس چٽي.... (سنگيت)

درشيه پنجون :

— رستي تي چور لنگهي رهيا آهن. ڪلهي تي سامان اٿن —

ڏاهري : (چورن پرسان لنگهندي) ڦاس‌چٽي.... ڦاس‌چٽي....

چور هڪ : (چرڪ ڀري) اڙي هي ڪير آهي؟ ڇا ٿو چوي....

ڏاهري : (پنهنجي ڌُن ۾) ڦاس‌چٽي.... ڦاس‌چٽي....

چور ٻه : اڙي! هن کي ڪيئن خبر پئي ته اسان چور آهيون.... ۽ چوري ڪر
پيا اچون؟ پڪ ئي پڪ هن اسان کي چوري ڪندي ڏٺو آهي. تڏه
ته چوي ٿو ”ڦاس چٽي“.... هيءُ ائين چئي پوليس کي آگ
ڪري رهيو آهي.... هي اسان کي ضرور ڦاسائيندو.... ڦاسي پياس
ته جيل ڀوڳڻو پوندو.... چڪي پيسڻي پوندي.... جيل ونداسين
اسان جي ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ هوُ ته بکَ مري ويندا.... نه اسان

رهيو آهي؟ هيءُ تہ رنگہ ۾ پنگہ وجهي رهيو آهي.

اجي : ها ها، هيءُ تہ وقلي رهيو آهي. بيوقوف کي اِها ڄاڻ ڪونهي ڇا تہ وڏيري جي پٽ جي شادي آهي؟

نر : وڏيري کي نہ جي خبر پيئي تہ هن کي سرنهن جا داڻا بڻائي ڇڏيندو.

اجي : ڏيوس مار تہ خبر پويس تہ بڪواس ڪرڻ سان ڇا ٿيندو آهي؟ (سپئي گڏجي ڏاهريءَ کي مارين ٿا)

هري : (چوندو رهي ٿو) اهڙي ڪنهن سان نہ ٿئي.... شل اهڙي ڪنهن سان نہ ٿئي.

نر : اڙي بيوقوف.... بڪواس بند ڪر....

هري : (زور سان) اهڙي شل ڪنهن سان.... نہ.... نہ.... ٿئي.... اهڙي....

نر : (دپ ڪڍندي) چپ ڪر. اڙي مورکہ خوشيءَ جي موقعي تي ائين نہ چئبو آهي. وڏيري جي پٽ جي شادي آهي، توکي پاڻ خوش ٿي نچڻ گهرجي. ائين ڪندين تہ وڏيرو پاڻ انعام ڏيندءِ. نچ.... ٽپ.... ءُ چئہ اهڙي سڀ سان ٿئي.... اهڙي سڀ سان ٿئي.

هري : (نچندي) اهڙي سڀ سان ٿئي.... اهڙي سڀ سان ٿئي....

— سنگيت —

درشيہ انون :

— ڳوٺ جو درشيہ هڪ جهوپڙيءَ کي باهہ.... هاهاڪار جو آواز —

ي : بچايو.... باهہ.... باهہ.... منهنجي جهوپڙي.... منهنجي جهوپڙي جلي ويئي.... باهہ وسايو.... مان برباد ٿي ويس.... مون غريب جو سڀ ڪجهہ باهہ ۾ سڙي ويو.... هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو؟.... مان ڪاٿي رهندس....

ري : (نچندي) اهڙي سڀ سان ٿئي.... اهڙي سڀ سان ٿئي.

: (غصي ۾) مئا.... مان برباد ٿي ويس.... منهنجو سڀ ڪجهہ باهہ ۾ سڙي ناس ٿي ويو ءُ تون.... تون منهنجي بربادي‌ءَ تي خوش ٿي رهيو آهين.... مئا شرم نٿو اچيئي. باهہ وسائڻ ۾ مدد تہ نٿو ڪرين.... چرين وانگر نچي رهيو آهين. مئا شل تون مرندين- تون خاڪ ٿيندين.

ي : (وڏيڪ جوش ۾) اهڙي سڀ سان ٿئي.... اهڙي سڀ سان ٿئي....

شامون‌مل : جيڪڏهن زميندار ٻڌندس ته هن جو اگر تگر ناس ڪري ڇڏيندس.
ڏاهري : هڪ لاهي ٻي ڪٽي ڇن....
ٻڌرمل : هيءُ ائين چپ نه ٿيندو.... هن کي ماري چپ ڪرائڻو پوندو.
شامون‌مل : برابر.... هن کي ماريو.... (گڏجي ڏاهريءَ کي مارين ٿا)
ڏاهري : (رڙيون ڪندي) اڙي.... اڙي مونکي ماريو ڇو ٿا؟ اڙي.... اڙي....
مکي : اڙي شامون‌مل! هن ويچاري کي ڇو ماري رهيا آهيو؟
شامون‌مل : ٻڌو ته سهين ته هيءُ ڇا چئي رهيو آهي؟
مکي : ڇا چئي رهيو آهي؟
ٻڌرمل : توهين پاڻ ڪنن سان ٻڌو. ٻڌاءِ ڇا چئي رهيو هئين؟
ڏاهري : هڪ لاهي ٻي ڪٽي ڇن.... هڪ لاهي....
شامون‌مل : ٻڌوَمکي صاحب! هيءُ زميندار جي سڄي خاندان کي مارڻ ٿو چاهي؟
ٻڌرمل : هن جي اها ڪاري زبان سڄو ڳوٺ تباهه ڪري ڇڏيندي.... ماريو.... هن ڪار منهين جا هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيو....
مکي : (سمجهائيندي) ڀائرو شانت رهو. مان هن کي سمجهائيندس.... هن جي سمجهه گهٽ آهي. هيءُ ڪجهه مورکه قسم جو ماڻهو آهي.... مان هن کي سمجهايان ٿو. (ڏاهريءَ کي) تون ڇا چئي رهيو هئين؟
ڏاهري : هڪ لاهي ٻي ڪٽي ڇن.
مکي : (سمجهائيندي) اڙي ٻڌو! ڪنهن جي موت ۽ ڏک جي موقعي تي ائين ڪڏهن به نه چئبو آهي. چئه! اهڙي ڪنهن سان نه ٿئي.... شل اهڙي ڪنهن سان نه ٿئي.
ڏاهري : اهڙي ڪنهن سان نه ٿئي.... شل اهڙي ڪنهن سان نه ٿئي.
مکي : شاباس! هاڻي تون هل!
ڏاهري : (ويندي ويندي) اهڙي ڪنهن سان نه ٿئي.... شل اهڙي ڪنهن سان نه ٿئي.

— سنگيت —

درشيه ستون :

— ڄڃ جو نظارو شهنائيءَ جو آواز —

ڏاهري : (لنگهندي) اهڙي ڪنهن سان نه ٿئي.... شل اهڙي ڪنهن سان نه ٿئي.
اهنر : ٻڌو ٿا! خوشيءَ جي موقعي تي هيءُ شخص ڪهڙي بکواس ڪري

ڪري : سوئر.... گڏهه.... بيشرم.... نالائق توکي ڪونه ڇڏيندس....

(هڏي ۽ ڇوڪري گڏجي ڏاهريءَ کي مارين ٿيون)

هري : اڙي.... اڙي ماريو ڇو ٿا.... اهڙي شل سڀ سان ٿئي.

ڪري : پڇ هنان.... نه ته ماري اڌ مئو ڪري ڇڏينديسانءِ....

هري : اهڙي شل سڀ سان ٿئي....

ڪري : (غصي ۾) وڃين ٿو.... ڪين نه.... پيٽيان پڇ هنان نه ته ته ڪچٽي نه ڪڍي ڇڏيانءِ.


هري : (خوش ٿيندي) ڪچٽي.... (ٽپا ڏيندي) ڪچٽي.... اڙي انهيءَ ڪچٽيءَ ئي ته مونکي مار کارائي آهي. دادي، پيٺ پڳوان توهان جو ڀلو ڪري.

(خوش ٿيندي) ڪچٽي.... ڪچٽي.... (گهر طرف هليو وڃي ٿو)

(سڀ وائڙن وانگر ڏسن ٿا)

— سنگيت —

* * *



ٻڍي : مئا.... چنڊا.... نياڻا.... ٻڏي مر.... (سڏ ڪندي) اڙي ڀائرو....
پئنچو هي مورک ڏسو.... منهنجي جهوپڙي باهه ۾ جلندي ڏسي
پاڻ وڏيڪ خوشيون منائي رهيو آهي.... آهي ڪوئي.... هن نياڻي
کي سمجهائڻ وارو.

ڇوڪري : ڇا آهي امان. ڳالهه ڪهڙي آهي؟

ٻڍي : سامهون منهنجي جهوپري جلي رهي آهي.... هيءُ ٽاڪيءَ ڦاٽو نچي
رهيو آهي ۽ ٻڪي رهيو آهي....

ڇوڪري : اڙي جاهل! تون ڇا ٻڪي رهيو آهين؟

ڏاهري : اهڙي شل سڀ سان ٿئي....

ٻڍي : ٻڌو ٿا هن پاڳل جون ڳالهيون.

ڇوڪري : (غصي ٿي) نالائق.... غريب جي گهر باهه لڳي آهي تون افسوس
ڪرڻ بدران پاڻ خوشيون منائي رهيو آهين؟ توکي شرم نٿو اچي....

ڏاهري : اهڙي شل سڀ سان ٿئي.... اهڙي شل سڀ سان ٿئي....

ٻڍي : مئا توکي ماريندس.... ستياناسا ٿئيئي.... شل مري کپي وڃين....



"ڏاهري" ناٽڪ جو ڪردار ڇيٽو لالواڻي